ڳالهہ ٻولهہ ۽ اديش

سنڌ ۾ مومڻ ڪي جوڳي فقير يڪتاري تي ڳائي ٻڌائيندا هوا تہ ، "من نہ مسلمان ٿيو قلمو پڙهيو تہ ڇا ٿيو - دنيا ۾ دل جو مطلب پورو ٿيو تہ ڇا ٿيو ..؟ ساڳيءَ طرح هندو ڌرمي سائين لوڪ چوندا آهن تہ من ڪي مَل نہ ڌوئي گنگا نها يا تو ڪيا هئا ...؟ معني يا ارٿ سمجهي سگهو ٿا. وستار آهي اجايو - تاتپريہ اهو ٿئي تہ هلت ۽ حالت جي حقيقت کي سمجهي سهي وات هلڻ بدران رڳو ٻاهريون ڏيکاءُ ڪرڻ ۽ خوش ٿيڻ مان ڪو بہ ڦل سٺو نہ نڪرندو ۽ ٻر ..؟ سوال آهي تہ اها سهي وات ڪهڙي ...؟ جنهن موجب ڪجي ، تنهن لاءِ آهي ڪوبہ ڪوپريءَ جي گت نياري. ۽ هر ڪنهن جو عقل ۽ ويچار نرالو. اچو تہ ڏسون. اڄڪلهہ جيڪي ڪيو وڃي ٿو سو ڪيتري قدر سهي وات سان ۽ ڇا ان جو ڦل انهيءَ جو ملي...؟ وٺو مثال —

اوائل ۾ يا اڄ کان فقط ٣٠-٤٠ سال اڳي اهڙيون بيماريون يا بيمار ڪو ورلي هئا. هرهڪ گهر ۾ وڏا ۽ وڏيون نہ رڳو گهر ۾ پر اوڙي پاڙي جي بہ پرگهور لهنديون هيون. دواسٽي ڪرڻ، صحت سنڀالڻ جو هوش ۽ هنر هر گهر ۾ هئو. تمام ضرورت وقت وئدا، حڪيم طبيب تمام همدرد، پگهرن مٽ تي شفايابي ملندي هئي ليڪن اڄ ....؟

مفت ۾ تپاس ڪندڙ ڊاڪٽرن جا ڍنڍيورا جام، خانگي ، سرڪاري، خواہ دائي پرشن جون ڌرمائو اسپتالون بہ انيڪ ۽ اجان بہ وڌيڪ ٿيندڙ کُلن. پر بيمار ۽ بيماريون تهن کان بہ وڌيڪ بيعدي مرض بڙهتا گيا جون جون دوا ڪري. ثابتي ، اخبار جو حوالو، مهيم بمبئي ۾ اٺ لک خرچ سان ، پنجين ماڙين واري اسپتال ۾ اڄ کان داخلاشروع، في الحال ٣٥ بسترن جو بندوبست، پر پوءِ سو کن کاٽن تي وڌندو. اهڙيون اٺ نون اسپتالون جيڪڏهن اڃان بہ بمبئيءَ ۾ کلن تہ بہ بيمارن لاءِ پوريون نہ پونديون. وري بہ شڪر ۽ سنڌين لاءِ ڪجهہ سهوليت پيدا ٿي. اسپتال سينڌي جاتين لاءِ آهي. جلد ئي نالو لڳايو. متان جايون پرجي وڃن. [هندستان ٢٤ جون ، ٥ جولاءِ ١٩٦٣] تہ وري هي بہ پڙهو، خانگي ڊاڪٽرن جا بل غريبن لاءِ مصيبت ، سرڪاري اسپتالن ۾ دوائن جي چوري ، پاٽيءَ ۾ رلڪہ ملائي ڏين. وڏيون اسپتالون بيمارن سان ٺمتار، صبح کان شام کاٽين دوا ۽ ٺهيو ٻر تپاس ڪرائڻ جو وارو بہ نہ ملي. ڏنوائن جي ڌرمائو اسپتالن ۾ بليڪ مارڪيٽ ، شاهوڪار ڪم ڪڍيو وڃن. غريب لاءِ جاءِ ناهي.

اخبار جو ٻيو حوالو- اجمير طرف مدارسلهہ گهر ۾ ، نرواسين لاءِ ٤٥ بسترا محفوظ رکيل، هرهڪ بيمار تي سرڪار جو سال ۾ ٻہ هزار رپيا خرچ، هاڻي سرڪار اهي بسترا ڪيائي ٿي، جيڪڏهن انهن ٿيو تہ نرواسي دربدر ٿي ويندا. هئن ۾ علاج ڪرائڻ، طاقتور ڪاڌو کائڻ جي سمرٿي ڪانهي. سرڪار تي زور آڻجي تہ اهو خرچ بند نہ ڪري وغيره وغيره (٥ جولاءِ

۱۹۶۳) ڀاڱو:- ثابت ٿي رهيو آهي ته سرڪار خواه شاهوڪارن جا لکين ڪروڙن جا خرچ دوائن ۽ اسپتالن تي به مرض ۽ مريض گهٽائي نه سگهيا. تڏهن مٿي لکيل جوڳي فقير جي بيت وانگر ڇو ڪين چئجي ته:

مرض مٽيو نه ڪين ڪي — دواخانا کليا ته ڇا ٿيو
داني پرش جي ناموس جو -- مطلب پورو ٿيو ته ڇا ٿيو

حقيقت جو ٻيو پاسو - توهان يا هرڪو ٿي چوندو ته بيمارين جو اپاءُ يا علاج نه فقط دوائن ۽ اسپتالن ۾ آهن ٻيو رستو ٿي ڪهڙو آهي. داني پرش جيڪڏهن اهي کولائي سگهن، کيو ته انهن جو ته ٿاڻ شڪر گذار رهڻ گهرجي. هاڻو ڀاڱو:- اهو سوال ڪجهه قدر برابر آهي اسان انهن کان نٿا چئون ته اهو ڪم چڱو نه آهي. پر ڪين ٻڌل اکين ڏٺل ڳالهه تي به اول ويچار ڪرڻ جڳائي. ونو مثال

اڏ رات جو اڪبر بادشاه محلات ۾ آيو، راڻيءَ کي نوڪر سان گڏ سمهيل ڏٺائين. تلوار سان انهن کي ختم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. پر حڪومت جو ڏٽيءَ وري ويچار ورايس ته بيربل چوندو آهي ته اکين ڏٺي ڳالهه تي به اول ويچار ڪري پوءِ قدم کڻجي. ٻاهرو نڪري ويٺو. اڌ ڪلاڪ اندر اوچتو راڻي جاڳي. پاسي ۾ نوڪر کي سمهيل ڏسي عجب لڳس- ڌڪ هڻي اٿاريائينس، مٿان هڻ بادشاهي سيج تي ڇو سمهئين (راڻيءَ هڪل مان پڇيس) بيگم صاحبه توهان جو بسترو وڇائي آيس، ڏيهن جي ڪم سبب ٿڪل ٽٽل هوس اکيون ننڊ ۾ ٻٽي لڳيون. مٿي ۾ چڪر اچي ويو. سهارو وٺڻ لاءِ کٽ کي پڪڙيم ته ليٽي ڪري پيس اک نه کلي. گستاخي معاف ڪجي. توهان ته پوءِ آئينءَ ڏسي واڻي پوءِ ته سمهين ها......؟ (نوڪر چيو)

مٺا ماريا: مولڪي ته خبر ٿي ڪالهه پيئي. محل ۾ دنگه دارونءَ جو ٻٽي هليو. ڪجهه اهو خمار، ٻيو ٿڪاوٽ ۽ ننڊ جا جهوٽا، اڌ ننڊ اڌ جاڳ ۾ اچي کٽ تي ليٽيس. مولڪي ته خبر ڪالهه پيئي ته اڄ مزدو ٿيو هٿ پيو آهين. شڪر جو بادشاه اڃان نه آيو آهي نه ته الاجي ڇا ٿئي ها. هاڻي ٻچي هتان. خبردار وري بادشاهي استري تي نه سمهجانءِ. نوڪر ويندو رهيو بادشاه آڙ ۾ لڪي سڀ ڪجهه ٻڌو. دل ۾ چيائين ته بيربل جو چوڻ ٺيڪ آهي. ٻئي نردوش آهن. چڱو ٿيو جو لڪڙو ترار نه هلايم نه ته انرٿ ٿي گذري ها.

ساڳيءَ طرح - سرڪار خواه ڏاتار، اکين سان ڏسن ٻڌن پيا ته جيترين گهڻين اسپتالن ٿيون کولجن اوترو پورت ناهي. بيمار ۽ بيماريون وڌنديون ٿيون وڌنديون. حالت ۽ حالت تي اوهين ويچار ڪو نهي. رڳو اسپتالن وڌائڻ تي زور گهڻو، جڏهن ته چڱن ڀلن جي وچ اسپتالن جو ذڪر ٿو ڪري ته هرڪو پيو چوي ته اهي شاهوڪار ۽ پنڌيءَ وارن لاءِ آهن. اسان جهڙي لاءِ ٿوروئي آهن...؟ ڀاڱو ذرا غور ڪريو ته جن جا اڳــي ڦڪي سٽيءَ مان دک دور ٿيندا هئا، اهي ٿي اڄ اسپتالن جـــي آسري ۾ پهچي بس

(سرير) سنيالڻ جو هوش هجر وڃائي. موٽ آج پڇجي، درد دوا لاءِ پيا پڇڪن. فرض ڪريو ته ٻڪ ٻوڙ سان دوا ملي ۽ وڃي ٿي. پر هڪ سوال آهي ته هيترا سارا لک ڪروڙن جا شاهي خرچ ڪندي، پاڻيءَ وانگر پئسو هاريندي، گهٽي ۾ گهٽيون اسپتالون ۽ دوائون ورڇيا ڪندي به بيمارين يا بيمارن جو عدد گهٽيل آهي ....؟ ۽ ڪٿي آهي اهو فائدو يا بيمارين کان ڇوٽڪارو ۽ آزادي؟ صاف ثابت ٿي رهيو آهي ته بيمار ٻون ۽ بيمار گهٽائڻ لاءِ دواخانا يا اسپتالون جاري ڪرڻ سهي رستو نه آهي. باقي اسپتالن مان دردجو دارون ملي ۽ درد وارا پيا وڌن تڏهن دواخانا کولڻ سند و مطلب پورو ٿيو ته ڇا ٿيو

ڪاش - اهي دواخانا اسپتالون دوائون ۽ انهن لـي هيڏا شاهي خرچ سهي رستي هلايل هجن ها ته بيمارن جو جهڪر ان لـي لـاس ٿي وڃـي ها. ڪريـو فيصلو ته انهيءَ لاءِ جوابدار ڪير ....؟ جن کي اڳي بدن سنڀالڻ جو هوش هئو ان جو هوش وڃائي بيهوش ڪندڙ ڏوهـي ڪير ..؟ عـام ماڻهو ڏوهه ڏين ٿا ڊاڪٽرن تي. هڪڙي چيو ته ڊاڪٽر لڙدئي آهن بي رحم آهن، پئي پڌايو ته لوڀي لالچي آهن. ڏسو هـيءَ اخبار، ٻمبئي ۾ ڊاڪٽرن نيون وڌائي ٻيٽيون ونڻ جو پروگرام رٿيو آهي. [هـ ٠ ٦ جولاءِ ١٩٦٣] ٽئين چيو ته ڊاڪٽر اصل رس ٻاڪ چوڙون تي لڳا آهن، اسان به چئون ته چڱو پلا ڪريو ڊاڪٽرن جو ٻهشڪار، ڪٿو قسم ته وري ڊاڪٽر وٽ نه وينداسين. جهانون ته اهائي ته مصيبت آهي جو انهن ڪري اٿا سکيون. تڏهن چيوسين ته پائرو پريت ڪنهنجي ڪلا ڪري اجايو پنهنجو من نه لپايو. مٿي به ماٿ، مٿي به ماٿ ۾ صبر ۽ شڪر ڪندا ڪريو ته صبر جـو سائين (ايشور) ڪرڻ يا ڪالڏيءَ جهڙ و اولاد ذاري اچي سيني جو ضرور ڇوٽڪارو ڪندو.

هيڏانهن وري ڊاڪٽر دوست پيا پڌائين ته مهراج :- ڏوهه ماڻهن جو ئي آهي اسان ڇا ڪريون اسان ته بيمارين کو نه موڪليون اٿون. لتا جٽا چمڪا ۽ عيش ڪري بيمارين وڌائين پنهنجون پاڻ. اوءِ ڏوهه ڏين اسان تي ته ڊاڪٽر ٿا ڦرين. اسان کي به ته ليمه ٻين وانگر گهر ڪٽنب پالڻو ۽ پنهنجو آئينده ڏسڻو ئي آهي. اوزن پئسن ۾ يا مفت مهيا ڪن ته ملندين خيرالي اسپتال پرپلي او ڏانهن وڃن ۽ سڀ پيءَ ماڻهن جو مغز خراب ڪيو ئي انهن خيرالي اسپتالن آهي. ته جيڪر اسانجو علاج مهانگو ڏسي وڃي پنهنجو دماغ هلائي اڳي زماني وانگر پنهنجو علاج پاڻ ئي ڪندا رهن ها.

هوڏانهن وري ڏاوان سيٺ ڏرمائو اسپتال بابت گهٽ وڌ ٻڌي پيو ٻولي ته اسان ته کهڻو ئي ڌن هاري ڏرمائو دواخانو کولائي پبلڪ يا جنتا ڀائيءَ جي سک سهنجه ۽ پرکهور لهڻ جو فرض پورو ڪيو، چڙهي يا مري ڪٽن چوريءَ جا پاڳم اچان ٻـ جيڪي پڇي ٿو سرپيا ٿا ڪريون ۽ ڏيون. باقي راءِ ڏياچ وانگر انهيءَ رون رون جي رلمکت تي سر وڃائڻو ته ڪو نه اٿئون. مطلب ته اڄ سارو جهان انهن هڪ ٻئي تي ئي ڏوهه ڦٽي رهيو آهي. باقي سڀ ڪري سهي واٽ ڳولڻ ڏيهه مان ڏرت [بيمارين] نـاري جو ويچار

ڪنهن وقت ڪونهي.

پانو: هي فقط هڪ سوال ٻمارن جو ڪونهي. پر اهڙا ڪيترا ئي ڏوهي خواهه پيڪتي سماجڪ ڪارڻ ڪم اهميت اجوڳي، اهو لي پيا هلن. جڏهن جو اٿيجو ٻه گهٽو ئي ٻهو پوڄجي. ڪنهن کي ڏوهه ڏيڻ، يا چوڻ سمجهائڻ جو اڳي وارو زمانو گذري چڪو، اڄ هرڪوئي ٻار کي ٻه سياڻو ٻهو سمجهي. ڪم ڪنهن جي ٻڌڻ ۽ سهڻ لاءِ تيار ڪونهي. ٿنهڪري هر سال نئين معرفت توهان کي ٻڌايو پيا موڪليندا آهيون ته سوچي سوچي ۽ ٻار سنڀاليو ۽ ته اڄان به وقت ڏکيو اچڻو اٿو.

اڪين سان روز ڏسجي ٿيو ته اڄ ايڪسڪسٽ مهالماڻو، خواهه مبدل مدبليون سوسائٽيون سماجون گند ۽ مواد (ناجائز وهدوار) ٻهاري ڪيڻ لاءِ، هر هر طرح جون ڪتائون پڙن ڪمرلن اپديش ۽ ليڪچرن جا جهاڙو ٻهاڪ جي دماغ لي گهٽو ئي گهمائي رهيا آهن پر انجو اثر لوڪن تي اهڙو ئي ٿيو ٻوي جهڙو اونڌي گهڙي تي پاڻي، ڪجهه ڪال اڄان به اهو ئي وايو مبدل قائم رهيو ته رهي کهي ڪلا ڪايا [دوا جو هنر ۽ صحت تندرستي] به لوڪن جي ناس ٿي ويندي. اڳي اپديش جو اثر پئجي، سگهيو ٿي، اڄ نٿو ٿي سو چئو؟

سچيءَ دل سان جيڪڏهن چاهيو ٿا ته ٻار خواهه ٻهو جهان سدائين خوش گذاري ته من ۾ اهڙي لگن رکو، چنتا ڏيو، ويچار وڌائيو ڪجهه ڪم ڪريو.

اسانجو رايو - اڳي اپديش جو اثر ٿيو پئي، اڄ نٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته اڳي هئو برهمڻن جو راڄ ۽ انهن جي هٿ ۾ هئو گرهن جي قانون جو ڪتاب ٻيٽو، نيٺي ۾ آچار وهدوار جا سخت قانون، ڏنهن ته ٽڏيون ڪوسيون ڏئي پيا لوڪن کي انهن تي هلائيندا هئا. پر اڄ برهمڻ پيا آهن توهان جي ڪيسي ۾. انهن جي جاءِ ٻري ٻين، جيڪي ٿيو يا ٿئي پيو سو ته ڏسو ويٺا، پر ڪنهن ٻڌل اکين ڏٺل ڳالهه تي ويچار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيو، اهو ئي آهي گراوٽ ڏانهن ڏڪڻ جو سبب، ته ٿي سال اڳي، ڪميونسٽ ملڪ روس جو پردان منتري ڪروشچيو ۽ آمريڪا ناهيون ڳالهيون ڪرڻ آئي جي وڏي آئيزنهاور هڪصبح جو چمس ته هلو ته ديول ۾ پرارٿنا ڪرڻ هلون. ڪروشچيو کان چوڪ اڪري ويو ۽ ڪين ويو. ڇاڪاڻ ته ڪميونسٽ لوڪ ڌرم، پرارٿنا ۽ ڀڳوان ۾ وشواس رکندڙ نه آهن. اڄ اهو ئي ڪروشچيو يا ڪميونسٽن جو وڏو آمريڪا سان سهڪيون ۽ سهڪار جون ڳالهيون ٻهو ٻولي ۽ ڪجهه قدر هن سان ناهه تي آيو آهي. ساڳيءَ طرح اڄوڪي زماني ۾ خاص [سنڌي جاليءَ ۾ پڙهيل ۽ سڌريل سڏائيندڙ آهن گهڻا. ۽ برهمڻ جي ڪرياڻن ۽ ڪمن کان گهڻي پاڳي هنڪر (نه ڄيئيندڙ) ٿنهڪري براهمڻ راڄ جي حمايت جا ٻه اکر پڙهي ٻڌي لاشڪ ڪن سڀڻن کان چڙ ڪري وڃي ته عجب ئي ڪهڙو ۽ ڪجهه ٻه اکر ٻولي ته وڃن) ..؟

انهن کي عرض - ته برهمڻن جي گهٽ وڌائين جي سڀ خبر اٿئون واد وواد ۽

وڏائيءَ جي خيال کان نه. پر زماني جي حالتن کي ڏسي، ٻولڻ لاءِ سڀني جي خيالن ۽ راين جو ويچار رکي، هيڏانهن وادي سڏائت موجب، جيڪي واجب آهي، اهو ٽـــي ٽپڻي جي هرهڪ اڏاو ۾ ڪجهه قدر لکيو ويو آهي. شانت من ۽ ٿڌي چت سان جيڪي ابياس ڪندا، انهن جون ٽي شنڪائون دور ٿينديون ۽ مهڻن جون بيمار.يـــون منٽن ۾ لهي سگهن ٿيون. باقي هڪ ٻئي تي ڏوهه تقڙ جو دستور هلائڻ نيڪ نه آهي. فقط ڳالهين ڪرڻ جو زمانو ناهي. وقت بڪاري رهيو آهي نه اٿي ڪجهه ڪم ڪريو گهر سنڀاليو.

اهڙو ٿي ويچار - ۽ سڀ ڀاو ڌارون ڌارڻ ڪري جن سڄڻن سهائڪن هي ٽپڻو چالو ڪرايو آهي. ۽ ٻڻ واپاري ڀائر، خواه توهان ڏانهن ٽپڻو ٻهڃائيندڙ ڌرلو ڀـــي **نشڪام شيواڌاري** جيترو سهڪار ڏيئي رهيا آهن تنهن لاءِ نهايت سدن احسان مند آهيون. شال سدن ڀلو ڪندو ڀڳوان ۽ منو ڪامنائون پوريون ڪندو ۽ شال انهن جو ڪيو سڦل ٿئـــي ۽ سيٺي لاءِ هي ٽپڻو سکم ڪاري ٿئي. اهو ئي آهي **اديش ۽ آگي کي ارداس**.

شڀ چنتڪ، سمپادڪ ۽ سنڀالڪ:- **ٺڪورام روپچند شرما** ٩٨٦ ڪئمپ ٣ ڪلياڻ (بمبئي)

هر سال هي ضرور پڙهندا ڪريو قائدا ۽ نيم

(١) هر سال ١۴ جنوريءَ اوڻ تي ٽپڻو سڀ هنڌ ملندو پيا اڳـــي نڪرن نه انهن سان ويس ناهي.

(٢) ٽپڻو ٻهڃائڻ يا وڪرو ڪرڻ لاءِ ڪميشن ڪانه ڏني آهي. شيوا ڀاو سان سهڪاري متر هرهنڌ هلائي پهچائي رهيا آهن ۽ هلندو ئي رهندو. توهان صاحبن کي ٻڻ اهڙو ئـــي سهڪار ڏيڻ واجب آهي. ڪجهه شيوا ڀاءِ ڌارڻ هر ڪنهن جو فرض آهي.

(٣) ريلوي پارسل ٢٥ ٽپڻن کان گهٽ پوسٽ رستي پهچن ٽپڻن کـــان گهٽ ڪونه موڪليا آهن ۽ اڪو موڪليا. چاڪاڻ نه اينترو وقت اٿو ملي، ڪم گهڻو آهي.

(۴) ريلوي ۾ٽي نول وڌيڪ جو خرچ اسان تي. پوسٽ رستي گهرائيندڙ کي خرچ پهچو ڪرڻو آهي. ۽ گهربل ٽپڻن جي رقم اڳواٽ ورتي ويندي آهي.

(۵) پوسٽ رستي پهچن ٽپڻن جو ٻڪ پوسٽ خرچ ١۵ آنا آهي ٽپڻن جي رقم سان گڏ اهو خرچ به موڪلڻ گهرجي. وي پي. ڪونه ڪندا آهيون.

(٦) يادگار قائم ڪرائيندڙ متر هر سال آگسٽ ۾ اڳواٽ ڪرپا ڪري لکي پڙهه ڪن، پوءِ ڏکيائي ٿئي ٿي.

(٧) ٽپڻو يا ٽپڻي ۾ لکيل دوائون موڪلي لاڳيت ۾ فقط ١۴ جنوري کان ٢٨ فيبروري تائين ڏيڻ مهدو هلائبو آهي پوءِ بچت اٿي رهي. گهرجائو متر اڳواٽ لکپڙهه ڪن تہ بهتر نه نه پوءِ اسان جي همت وس نه آهي.

(٨) لکپڙهه واسطي جوابي ڪارڊ اچڻ کپي. نه نه جواب موڪلڻ مشڪل ٿيندو.

(٩) ٽپڻو موڪلي لاڳيت ۾ ڏيو آهي. اگهه بزار جا وڌندا رهن ٿا. هن سال تہ اها

ٽيءَ قيمت ٨ آنا هلائيون ٿا جيڪڏهن اجان به اڳهه نه وڌيا ٻئي سال ضرور وڌائڻي پونديءَ. هر سال اهو اشارو لکندا آهيون. جڏهن سڀئي ڪاڳر وڌيڪ خرچ ڏسبو نه آئو ڏينديءَ قيمت شايد ٻئي سال وڌائڻي پوي.

(١٠) اڪيڙ هه لاءِ ائڊريس ڏسو صفح ١٥ تي.

خطن جا جواب

(١) جوابي ڪارڊ نه اچڻ ڪري سوالن جا جواب ڪونه ڏنا ويندا آهن. (وري به نوٽ ڪريو)

(٢) ٽپٽي ۾ يادگار طور فوٽو ڇپائڻ بابت ڪيترا سڄڻ ڏيئي سان ذڪر ڪيو ٿا لکن ٿا انهن کي ولي آهي ته آڪسٽ ڏاري ڇپائيون يا اڪيڙ هه مڪن. چاڪاڻ ته ڏارمڪ سماجڪ پرچار واسطي ٽپٽو هلايل آهي ۽ سيئي سنڌي ڀائرن هٿان ئي هلائڻ جو اديش آهي. تنهن ڪري فوٽو يادگار واري سان پوندو رهندو. يعني تي سال فوٽو پوندو وري ٽي سال ٿالو يادگار اڪرن ۾ پوندو تنهن بعد وري ٽي سال فوٽو.

(٣) يادگار طور ٽپٽي کي جيڪا مدد سهائتا مقرر ڪيل ملندي آهي اها وري ڏاتن کي واپس ڪئي ويندي آهي (ٻئي ڳالهيون نمبر ٢-٣ نوٽ ڪريو)

(٤) ڏڪيا وٽي گره گوڄر ڇپائڻ جو ڏندو ڪرٽو نه آهي. ٻڌائون ڪندڙ کي ٢٥ ٽپٽا يا گهٽ ۾ گهٽ ١٠ ٽپٽا اول وٺڻا پوندا، تڏهن ئي اهو ڪم ڪبو. ٽپٽو وڌائڻ ۽ ڦهلائڻ جي مراد سان اهو شرط لاڳو ڪيل آهي. شرط ڏڪيو نه آهي ٻڌائو ڪندڙ ٽپٽا وڪڻي پنهنجا پئسا ڀاري سگهي ٿو. معنيٰ **ايڪ پنٿ دو ڪارج** ڀاس ڪرڻ گهرجن.

(٥) واپاري وستن جي اڳهن جي اڳواٽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ وستوءَ جا ايڊائي روپيا هڪ مهني لاءِ. اڳهر تري ٧٥ سيڪڙو برابر ٿيندي. ڪمائيندو اهو ئي جنهنجو هلندڙ سال سٺو هوندو. ڏنڌي لاءِ اڳهه جي ڄاڻ اڳواٽ حاصل ڪرڻ ضروري آهي.

(٦) ڪيترا سڄڻ وادو واد جا خط لکن ٿا. انهن کي عرض آهي ته تاريخ مقرر ڪري ڪرائي روبرو ويهي ڳالهائين ته خبر پوي ته پهرين ڪير..؟

(٧) مهيني، مزوري، مهانگائي، اڳهه وڌندڙ، اول اڳهه جي صفائي جوابي ڪارڊ رستي ڪري پوءِ گهرجائو مٿر ڪجهه به گهرائين. اڳواٽ پئسا ڪير به نه موڪلي.

ائڊريس:- **پنڊت ررپچند شرما سنڌو پنچانگ ڪارياليه ڪلياڻ ڪئمپ ٣ (بمبئي)**

خاص شاگردن لاءِ سونو وجهه

امتحان جي پاس ٿيڻ جي ڪنجي، هر سال پاس ٿيڻ چاهيو ته اسان جي **فئنسي بوڪ اسٽور** جا بڪ واپرايو ته ناپاس ڪڏهن به نه ٿيندا. سنا، سستا ۽ ڇپائي وڻ ۾ رعايت ڪئي ويندي. عام ڀائرن لاءِ وهمون، ڀڄيون، چوپڙا بڪ وغيره سهڻا سستا هر وقت موجود آهن. **فئنسي بڪ اسٽور ڪلياڻ ڪئمپ ٣.**

ज्योतिष विज्ञान	شري گڻيشاءِ نمه اڌياءُ پهريون جوتش وگيان	ASTROLOGY SCIENCE

पञ्चैतानि महाबाहो कारणानि निबोध मे । सांख्ये कृतान्ते प्रोक्तानि सिद्धये सर्वकर्मणाम् ।
अधिष्ठानं तथा कर्ता करणं च पृथग्विधम् । विविधाश्च पृथक्चेष्टा दैवं चैवात्र पञ्चमम् ।
शरीरवाङ्मनोभिर्यत्कर्म प्रारभते नर । न्याय्यं वा विपरीतं वा पञ्चैते तस्य हेतवः ।

ارٿ :- سنسار جا سمپورڻ ڪرم [سڀئي ڪم] جيڪي به ٿين پيا يا ڪجهن ٿا اُهن جي ٿيڻ جا ڪارڻ سبب يا رستا وارن آهن پنجن. پنجن ڳالهين يا پنجن سببن کان سواءِ ڪو به ڪم نه ٿيندو آهي. اهو سڌانت يا اصول ثابتين سان مقرر آهي.

٢. اول ۾ ايشور پرڀرتا سان يا پنهنجي ئي قسمت سان جنم به سمجهو، ڪنهن به ڪم ڪرڻ لاءِ وويڪ يا اوويڪ جو جاڳڻ. [١] يعني ڪم لاءِ ويچار پيدا ٿيڻ. [٢] تنهن بعد انهيءَ ڪم لاءِ چيشٽا [ڪامنا اڇا] جو واڌارو ٿيڻ. [٣] تهن ڪامنا اڇا جي سڌي ڪرڻ لاءِ ساڌن [اپاءُ] سوچڻ. [٤] انهن ويچارن بعد ڪرتا يعني ڪندڙ پيدا ڪرڻ پاڻ ڪري يا ٻئي کان ڪرائي. ٥، آڌار؛ ڪم ڪندڙ کي آسرو يا آڌار جڙ خواهه چيتن جو ضرور گهربل ٿئي.

٣. شرير من واڻي [ڳالهائڻ] سان جيڪي به ڪجهه ڪجي ٿو تنهن لاءِ ڪارڻ سبب ۽ رستا وارن اهي مٿي لکيل پنج آهن. نياو يا انياو سان، قائدي سان يا بي قائدي ڪهڙي به نموني جيڪي به ڪجي ٿو اهو پنجن سببن يا واٽن کان سواءِ ٿيڻو نه آهي
[شري گيتا اڌياءُ ١٨ شلوڪ ١٣-١٤-١٥]

ڪو به قدم کڻڻ يا ڪهڙو به ڪاربه ڪم، نياو ۽ قائدي سان ڪرڻ لاءِ نه رڳو شري گيتا ۾ پر ٻين به ويدن شاستر آدڪ ڌرمي گرنٿن ۾ گهڻيئي سمجهاڻيون ڏنل آهن. ليڪن، مايا جال ۾ ڦاٿل منش کي اڄ ڪلهه اڀياس ڪرڻ جو وقت ملي ٿو ٿورو، تنهن ڪري پوڄيم وڏن ويچار وڌائي، هاڻوڪي سمي جي منش ڪارڻ، اهڙي پستڪ جي رچنا ڪئي جو لوڪن کي هر هر ڪم ۾ اچي ۽ مٿي لکيل پنجن واٽن جي ڄاڻ اِسا ٿوي نه انهن قائدن موجب ڪم ڪاريون ڪندا رهن. ۽ لڳ ڀڳ اهڙي پستڪ جو ڏاو به وکياڻون پهچائڻ. معني پنج. انگ يا پنج مکيه ڳالهين جي وياکيا [وستار] سنڌيءَ ۾ پهچائڻ کي چڱو آهي ڏٺو.

ڏب لڳائڻ، ڪنهن ڳالهه جي وياکياڻ وڌائي ڏيکا ڏيڻي ڪرڻ مان ئي لالو ٻڌو ڏٺو. جن ترڪال درشي مهاپرشن ڀگوان ڪرشڻ جي وچن الوسار، مٿي لکيل شري گيتا جي پهچائڻ وادي سڌانت موجب، پنجن اسمن يا پنجن واٽن لي لوڪن کي

هلائڻ لاءِ پنچانگ [ٽيپڻي] جي رچنا ڪئي. تنهن کي اڄ خود پنچانگ ڪرتا [ٽيپڻو ٺاهيندڙ] ئي سمجهي ڪو نه ٿا سگهن. انهن ليکي، تٿ، وار، نکيتر، يوگ، ڪرڻ، انهن پنجن جو حساب لڳائي گرهن گوچرن جو ڦل معلوم ڪرڻ کي ئي چئجي ٿو پنچانگ (ٽيپڻو)

سنڌ ۾ ٽيپڻي کان سواءِ ڪو به ٽيپڻو ڏسندا ته آچار وهنوار جو اپديش يا گيان، وگيان، الهاسڪ، سماجڪ آدڪ پنچانگ وادي وار ٿانئن، جو منجهس ذڪر ئي نه هوندو. رڳو گرهن گوچرن جي کورڪ ڌنڌي سان ئي ٿقيل، جو اڪو ڪير سمجهي سگهي ڪم آڻي. برابر اڌ مهي صديءَ کان ٽيپڻا واچيندي پڙهندي ٽيپڻن جي شرڌالن جي ڏاڙهي به اڇي ٿي ويئي پر......؟

فقط ٿالي ماڳ ١٢ راسين جا ٿالا ياد رکڻ يا انهن ٽيپڻي ڪنهن جي راس معلوم ڪرڻ جو گيان به ڪنهن ۾ نه جاڳيو آهي. الٽو جهڪا شرڌا يا وشواس ٽيپڻن لاءِ لوڪن ۾ اڳي هئو اڄ اهو به ڪو نهي ۽ اجان به وڃي پيو گهٽبو. ڀلا ڇو سبب ڪهڙو....؟ جاڪاڻ ته خود پنچانگ ڪرتائن [ٽيپڻو ٺاهيندڙن] پنچانگ جي وياکيا يا وستار جهڪو سمجهيو آهي سو غلط آهي ۽ پاڙ ڇڏي پنن کي پاڻي ڏيڻ مثل آهي.

ڪاش ڄاڻ گيءَ جو آچار وهنوار، پنچانگ وادي سڌانت موجب، پنجن اسمن يا وائن سان پنچانگ [ٽيپڻي] ۾ جيڪڏهن سمجهايو وڃي ها ته اڄ جهڙو هڪڙو پل آدرش وهنوار لوڪن جو ڪين ٿئي ها ۽ اڪو ٽيپڻن لاءِ اوشواس وڌي ها. هر سال ٽيپڻو ونو ۽ پڙهو ٿا ديا پالي هدن ۾ اڪرن تي ڌيان ڏيو.

رام نام يا ڀڳوان جو ٿالو چڱو. پوڄڻ جوڳ لائق، ٿماڳي سمت ساڏو برش ئي اهڙو وڪاس يا پاونا منش ۾ پيدا ڪندا هوا. يعني پرچار ڪندا هئا. اڄ گهٽي پاڳي اهڙي ڏسجن پيا. لباس پرساڏ ۽ پر به آگر واڌو. ٿاڱل مايا جال ۾ ٢- جن مها پرشن ڪانگريس ٺاهي ۽ انهيءَ جو قومي لباس مقرر ڪيو. ٿن ملڪ (ديش) ۽ ماڻهن لاءِ چڱائي گهڙا پريا. ليڪن اڄ اهو ئي قومي لباس پهريندڙ انهن پيا ڏسجن جنن چٽبو آهي ته انس. منهن ملان جهڙو پر اکيون چور جهڙيون. ٣- بزار ۾ هر ڪا شي وستو سني ۽ صحت بخش ملندي هئي. اڄ آهي هر چيز ۾ ملاوٽ. تنهن ڪري ڪنهن سان به وهنوار ڪرڻ يا شي وستو وٺڻ لاءِ اول سوچ ويچار ۽ تپاس ڪرڻي پوي ٿي ۽ ڪرڻ ئي گهرجي. ساڳيءَ طرح ٽيپڻا ۽ ان جا ٺاهيندڙ هلائيندڙ به آهن انهيءَ ڪ. انهن ۾ به کوٽ کوٽيءَ جي گت ليکاري. هر ڪنهن جو رستو ئي نرالو. پڙهيل ماڻهوءَ لاءِ نهوري پرک سگهي آهي ڪتاب جهڙو سنگ تهڙو رنگ لڳڻو ئي آهي. تنهنڪري سڀني عرض اهو ئي ته هر سال ٽيپڻو وٺو پڙهو ٿا پر وٺڻ وقت جاچ تپاس ڪري اهو ئي ٽيپڻو خريد ڪريو جنهن ۾ هجي چڱائيءَ جو چار ۽ وڪاس جي وات.

حاڪم يا راجا، پرجا جي پرگهور لهڻ لاءِ سڀني هنڌ پهچي نه سگهندو آهي. پر

سندس اهلڪار ٻئي لوڪن کي قاعدن تي هلائيندا ۽ سنڀال ڪندا آهن. ڪيتري آباديءَ لاءِ درياهہ ڦرهنڊ نہ هوندو آهي. پر مدڇهائيس ڪينال واهہ، واٽر ورڪس، کوه يا کسيون ٻئي درياهہ جي روپ ۾ ڪم ڏين ٿا. ساڳي طرح، منش جي واڌاري وڪاس واسطي سکيا سمجهائڻ ڏيڻ ۾ اول آهن ويد. انهن کي سمجهڻ يا اهي ڦرهڪ وقت هئڻ مشڪل آهن. سو انهيءَ لاءِ انهن جو اپديش شاستر، پراڻ، اتهاس ۽ شرتيون سمرتيون ۾ آندو ويو، ليڪن هاڻوڪي زماني ۾ انهن کي بہ سمجهڻ ڄاڻڻ لاءِ اوکي وقت وقت آهي ٿورو.

تنهن ڪري روزانو ڪار بہ ڪم ڪرڻ جي قاعدن واري ڪتاب ۾ ٻئي سوکي روپ ۾ ويد شاستر آدڪن جو اپديش، پنجن اسمن يا پنجن ڀاڱن ۾ ڏيئي تنهن ڪتاب جو نالو ٻئي رکيو ويو پنچانگ (ٽيپڻو) ٽيپڻي مان ٻئي هر سال سکيا ملي ٿي پنجن اسمن يا واٽن جي.

هڪ وگيان وات، (٢) اتهاس، (٣) سماجڪ، (٤) ڌارمڪ، (٥) آرٿڪ وات

معمولي مالي حالت سڌارڻ بابت، نمبر ٻهرين وگيان جو وسعار آهي اڌاهہ، ٿورو ٿورو هر سال ٻهرين اڌياو ۾ پيو سمجهائبو آهي ڪريا ڪري پوري ڏيان سان پڙهندا ڪريو. جيڪو سمجهندو ۽ انهيءَ موجب ڪندو ٻئي رهندو اهو ٻئي ڪامياب ۽ سکيو ساڻو ٿيندو.

موٽر، ريل، جهاز، هوائي جهاز، راڪيٽ، بم وغيره هر هڪ ڪم لاءِ مشينري ايجاد جو عقل اڄ وڌيل آهي. اجوڪي انسان جي اُڀ وڃڻ، هلڻ چلڻ، کائڻ پيئڻ ٻئڪ مرڻ جيئڻ بہ آهي ڪل ٿي. تنهنڪري هاڻوڪي زماني جو ماڻو ٻئي سڏين ٿا وگيان يگ مشينري عقل جي واڌاري کي ٻئي اڄ وگيان سمجهيو وڃي ٿو. پر انهن سمجهڻ نہ رکيو آهي غلط پر فائدي بجاءِ نقصان ڪندڙ پڻ. واسطو ۾ ۽ وگيان لفظ جو ارٿ يا معنيٰ آهي وڏيڪ ڄاڻ سمجهہ. ڪم آڻڻ هر ڪنهن شيءِ وستو پداروٿ يا ڪار بہ ڪم لاءِ اول ۾ وڌيڪ ڄاڻ سمجهہ عقل سان فائدو يا نقصان معلوم ڪرڻ ذاتي پرڀم نہ گيان معمولي ڄاڻ سمجهہ. جيڪي بہ ڏسو پڌو، ڪريو ۽ ڪم آڻيو ٿا، تهن مان وڌيڪ ڄاڻ سمجهہ سان وڌيڪ لاڀ حاصل ڪجي تنهن کي چئجي ٿو وگيان. تهن واسطي ٻئي هر سال پڌائي ٿو ٽيپڻو نہ ۽

اول ڏهاڙيو آڪاش ڏي
پوءِ پسو پاتال
پيهي ڪيو پرتال
پرٿويءَ جي پدارٿن جي

پالڪ جنم بعد ٽيپڻي جي حساب موجب ٥ ڳالهيون جنم پتريءَ يا چٺيءَ ۾ لکيون آهن. ١. نالو ٢. نالو رکندڙ ۽ ڪائيندڙ پتا ۽ خاندان جو جو نالو ٣. جنم جو وقت ٤. هند آستان ٥. پوزيشن لياقت طاقت گڻ ڪم بابت.

ساڳي طرح سرشٽيءَ جي رچنا بعد پعدي پعدا ٿيڻ ۽ ڪان پوءِ، آڪاش، پاتال، پرٿوي ۽ جهان جي جوڙ ڏسي، ان جي جوڙيندڙ جهان جي مالڪ جي واقفيت ڄاڻڻ حاصل ڪرڻ لاءِ، اوائل ۾ انسان جي وڏن رشي، منيءَ پورکي آدڪن جي دل ۾ اهڙي پنجن سوال پيدا ٿيا، پر ڪيتري بہ ڪوشش ۽ منٿ ڪئي

ڪندي به معلوم ڪري نه سگهيا ڇاڪاڻ ته ١. جهان جو ٺهيندڙ جا نالا انيڪ. پرماتما، پربهو، ايشور، ڀڳوان، اوم، يا الله، خدا ۽ رب، گاڊ وغيره وغيره سهسر نام هزارين نالا. ٢. نه وري اهي نالا رکندڙ، رکائيندڙ، سڏيندڙ به انيڪ. ٣. ڪيترا ئي يگ گذري ويا، تنهن کان به اڳي الائي ڪڏهن پيدا ٿيو وقت ڄاڻڻ به مشڪل. ٤. هر جاءِ ۾ هر هنڌ موجود، حاضر، ناظر، خاص هڪ آستان ۾ ليٽيل نه. ٥. ڪيترو به علم عقل، هيلا وسيلا، دوا ستي ڪندي به، انهيءَ قدرت جي مالڪ جي طاقت سان، ڪتب جي پنجن پاڻين مان چار ٿيو پون. انهن پڇاڻڻ ئي مشڪل ۽ وري ڪنهن جو دشمن به نه. اڪو دوست سڏائيندڙ. سڀني کي هڪ جهڙو پائيندڙ بي طرفدار جڏهن انهيءَ آدي پرش جو ڪو به پتو معلوم ئي نه سگهيو. الٽ پاڻي نه سگهيا، تڏهن انهن ئي اسان جي وڏن رشين، منين، جوگين آدڪن نالو رکيس **بي انت بي انت بي انت** ۽ پوءِ..

جڏهن اهڙن اڳيان ڏسڻ پڏڻ ۾ نه اچي، تنهن سنساري **جوڙجڪ** کي ئي ڄاڻڻ سمجهڻ جي ڪوشش ورتائون. جڏهن انهن سمجهو ڄاتو، اهو ئي سڀني جي فائدي يا ڀلي خاطر لکيت ۾ رڪارڊ ڪري ويا. اها سڀ سمجهاڻي ويد، شاستر، پراڻ، اتهاس آدڪن ۾ موجود هوندي به سولائيءَ سان سمجهڻ ۽ ڪرڻ لاءِ هر سال ملي ٿي ٽيپڻي مان. هڪ ڳالهه خاص اها ته انهن **ترڪال درشي** مهاپرشن کي کوجنا ڪرڻ يا ڄاڻڻ بعد هر هڪ ڳالهه، هر هڪ ڪم، هر هڪ درشيه جا پنج، ڏهه يا تيرهن يا پنجاهه واٽون رستا ڏسڻ ۾ آيا. تنهن ڪري لئي هر هڪ ڪارئه ڪرم جي سمجهاڻي پنجن **اسمن** يا پنجن واٽن رستن ۾ ڄاڻائي ۽ لکي ويا، جنهن کي چئجي ٿو پنچانگ واد. ۽ سنسار جو هر هڪ ڪاروبار پنجن اسمن يا پنجن واٽن رستن سان پيو هلي ۽ هلندو ئي رهندو. تنهن پنچانگ واد جي وياکيا وستار هر سال لکندي به هن سال سوکيمتا سان لکجي ٿو. جئن ته انهن مهاپرشن کي اول ڏسڻ ۾ آيو هڪ بيدي يا ناريل جي شڪل جهڙو ليڪ ۽ روشن گولو، جنهن کي ڌرمي ڪتاب چون ٿا **اوم برهم جوتي** لنگ ۽ انهيءَ گولي ۾ حالتون بدلايون پنجن.

١. هيٺ مٿي چارئي طرف پرڪاش ڦهلائڻ ڦرڻ. ٢. ڦرندي ڦرندي گرم ٿيڻ. (ڏسو شڪل نمبر ١) ٣. تمام گرم ٿيڻ بعد لوهه جي انهڻ وانگر ڊڪار سان ڦاٽڻ، ٤. جئن **بارود جي سوسڙي** هوائي پرندي مٿي وڃي ڦاٽندي آهي ۽ منجهائنس ننڍا تارا يا چڻنگون ڪرنديون آهن تئن انهيءَ ٿيو روشن ۽ گرم ڦرندڙ گولي جي ڦاٽڻ سان پيا ننڍا روشن گولا سج، چنڊ، نو گرهه آدڪ ۽ تارا اڏامي اچي ڪريا، يا پيدا ٿيا، ڏسو (شڪل نمبر ٢) اهي جيئن گهڻي ٺار بعد پگهر اڪرندو آهي. ساڳي طرح انهيءَ روشن ۽ گرم ڦرندڙ گولي جي ڦاٽڻ بعد جل ورشڻ لڳو. ۽ ڌرتي جي بدرجي اهو گرم گولو يا اوم برهم جوتي لنگ ٿرندو ۽ سمندو الوپ ٿي ويو (غائب ٿيو) تنهن بعد....؟

اهي ننڍا وڏا روشن پرندڙ گولا سج چنڊ آدڪ نو گرهه تارا وغيره جوتي لنگ

شڪل نمبر [١] جوتي لنگ.

شڪل نمبر [٢] جوتي لنگ جو قائم ٿيڻ



مان اڪيلو گرم ٿيڻ ۽ ڦرڻ لڳا ۽ ساڳئي وقت اهي ٽڙندا هلندا پڌ ڪندا نظر آيا. انهن جي هلڻ، ڦرڻ سبب پيدا ٿيا پنج تتو يا پنج جزا، ١. پرٿوي ٢. جل ٣. اگني ٤. وايو ٥. آڪاش يا آواز، انهن مان جڙ حواهه چيتن، پراڻي توڙي پدارٿ سڀ ڪجهه سنسار ٺهيو انهن پنجن تتون [جزن] مان ۽ وري اهو، پنجن پرڪارن [نمونن] جو ١- اجل چر [پاڻيءَ ۾] ٢- ٿل چر [پرٿويءَ تي] ٣- نڀ چر [آڪاش ۾ گذارو ڪندڙ] ٤- پوٽل [ٻرليءَ اندر] ٥- پرو کيم اکل گمان ڏسڻ ۾ نه اچڻ وارا [ديوتائون توڙي جيو جنت]

نوٽ:- شاستر ڪتن موجب ديوتائن جي به جوڻ آهي ۽ سنساري جيون ڪان طاقت تهذيب، تميز تجويز، تفريح [خوشي، آنند، پرسنتا] انهن ۾ گهٽي آهي. تهن بعد اهي سنسار جا پراڻي، منش حواهه پسون، هڪ ٻئي کي سڃاڻڻ، سمجهڻ يا شيءِ پسا وستو معلوم ڪرڻ، هڪ ٻئي سان وهنوار رکڻ وغيره لاءِ رستا واٽون به ڪم آڻڻ لڳا پنجهه.
١- روپ [شڪل ڏسي سڃاڻڻ] ٢- رس [پاڻياٺو پدارٿ] چکي معلوم ڪرڻ] ٣- شبد [آواز مان سهي ڪرڻ] ٤- سپرش [ڇهڻ سان] ٥- سگند [سگند باس مان معلوم ڪرڻ] ۽ وري اهي روپ، رس، شبد، سپرش، گند، پنج رستا ڪم آڻڻ لاءِ ڪهاڻ اندريون [معلوم ڪرڻ جا حواس] به مليل آهن پنج، ١- روپ ڏسڻ لاءِ اکيون ٢- رس چکڻ لاءِ جڀ ٣- شبد آواز ٻڌڻ لاءِ ڪن ٤- سپرش ڇهڻ لاءِ چمڙي کل بدن جي ڪنهن هنڌ ڪو به لڳو وڌو ڇهڻ چراهر ڪندو ته جهٽ خبر پوندي. ٥- گند سگند باس مان معلوم ڪرڻ لاءِ نڪ. جئن سمجهڻ لاءِ اهي پنج عضوا، اکيون، ڪن، نڪ، جڀ،

(شڪل نمبر ٣)



۽ ڇهون مليل آهي. پنج ڪرم اندريون ڪم ڪرڻ جا عضوا به پنجن مان مليل آهن. ١. هٿ
٢. پير ٣. وات ۴. اندري (ولاسي اندري) ٥. گد يا مقعد لاءِ.

هاڻ اڳتي - پراڻين جي پيدائش سان گڏوگڏ انهن جو پالڻ پوشڻ ۽ سنساري سک جو بندوبست قدرت جي مالڪ ڪهڙو ڪيو يا ڇا مان ڪيو..؟ انهن لاءِ وڏن جي ويچار ڌارا ٻڌائي ٿي ته گيان اندريون (سمجهه جا حواس) ملڻ بعد منشن کي اول آڪاش ۾

ظاهر روپ نظارا ۽ ڏسڻ ۾ آيا پنج. ١. **سورج** ٢. **چندرما** ٣. **تارا** ٤. **بادل (ڪڪر)**
٥. **بجلي** (کنوڻ) ۽ وري انهن جا روشن رنگ ۽ ظاهر روپ ڏسڻ ۾ پيا اچن پنج.
اڇو، ڪارو، ڳاڙهو، نيرو، پيلو. (باقي ٻيا رنگ انهن مان ئي ٺهندا آهن) جيتوڻيڪ
گره ٩ آهن. پر سورج چندرما کان سواءِ ٻيا تارن جي روپ ۾ ڏسڻ ايندا آهن. ڇاڪاڻ ته
اسان جي ڌرتيءَ کان گهڻو پري آهن.

وگيان وچار ڌارا [ڪوجنا] سان انهن گرهن جي چار ۽ پنجن ڏرجن ۾ ڏسڻ ۾ آئي.
١- تالو گره جو، ٢- مقرر هنڌ آستان ٣- مفاصلو [ويجهو پري] ٤- هلڻ ڦرڻ جو مقرر
وقت ۽ پنڌ ٥- انهو رنگ يا طبعي اثر جنهن مان ٿيو پوي فائدي نقصان جو (ڏسو
شڪل نمبر ٣ پيج ٢٢ تي) اهي نو گره يا تارا وڏيءَ جيتري ايراضيءَ ۾ هلن ۽ ڦرن پنڌ
ڪن ٿا تنهن سڄي گول (*All Round*) برهمانڊ کي چئبو آهي **ڪڳول**. جنهن جي ماپ
انڪل ١٠٠ ڪروڙ يوجن آهي (يوجن ۾ اٺ ميل) يعني ساري برهمانڊ جي ماپ اٺ سو
ڪروڙ ميل ٺهرايل آهي. تنهن جا ڪيا ويا ١٢ حصا، يعني سڄي برهمانڊ ۾ ١٢ اسٽيشنون
يا ١٢ منزلون آهن، ٿالي ميک وغيره مثل آدڪ ١٢ راسين جي ٿالن سان.

مقرر وقت، معياد ۽ منزل ۽ رفتار موجب اهي گرهه ۽ تارا هر هڪ منزل يعني
راس وٽان لنگهن ٿا ۽ ان ريکا هڪ ٻئي جي، پر اسان جي ڌرتيءَ جي ۽ ويجهو اچڻ ڪري راس ڪرڻ
هڪ ٻئي تي پهچندو طبعي اثر وجهن ٿا جنهن سبب ئي اسان جي ڌرتيءَ مان ٻالڻ پوشڻ
لاءِ کاڌ وڪپڙو آدڪ سڀ قسم جا پدارٿ پيدا ٿين ٿا. سنسار ۾ جيڪي به ڪم آڻيون
ٿا اهو پيدا ٿئي ٿو ڌرتيءَ مان ۽ ڌرتيءَ ۾ اهي پدارٿ نهن ٿا انهن نون گرهن تارن وغيره
جي هلڻ ڦرڻ ۽ طبعي اثر پهچڻ سبب.

وري به ياد ڪريو ته ساري برهمانڊ ۾ مقرر ١٢ هنڌ يا منزلون ٿالي ميک وغيره آدڪ ١٢
راسين وٽ گرهن جو پهچڻ انهن جو طبعي اثر جاچڻ وغيره لاءِ پنجن طرفن ڏانهن ڌرتيءَ
ٿان نهاريو آهي. اول آڪاش ڏانهن پوءِ اتر، اوڀر ۽ ڏکڻ اولهه يعني ٤ طرف پنجون آڪاش
کهڙي طرف ڏانهن ڪيترون منزلون يا راسيون آهن ۽ انهن راسين واري هنڌ يا منزل
جو نقشو کهڙي نزانين جو آهي تنهن لاءِ (بنيان ڏسو شڪل نمبر ٤)

نوٽ:- راسين جي ٿالي هيٺان جيڪا شڪل ڏسو ٿا، اهڙو ئي تارن جو ميڙ آڪاش
۾ ڏسي اهو ئي ٿالو راس جو رکيو ويو. جئن ميک راس جي شڪل گهٽو ته وڪه راس جو
روپ ليکي جهڙو وغيره وغيره. يعني انهن سمجهو ته انهن راسين وارن هنڌن يا منزلن وٽ
تارن ميڙ اهڙين شڪلين جو آهي تنهن ڪري ئي راس جي هنڌ جاءِ جو نقشو اهو ئي
مقرر ڪيو ويو.

نوٽ ٢:- جئن اڇيلهه اي. بي. سي. ڊي. اکرن جي نمونن جو ن جايون پيئون نهن.
تئن اگهي تارن جي ميڙ جي جهڙي شڪل ڏسڻ ۾ آئي تهڙو ئي نقشو انهيءَ راس جي مقرر
منزل لاءِ ٺاهيو ويو.



باقي هر هڪ راس جي منزل يا آستان تي هر هڪ گره ڪڏهن .لو ٿهڻي. ڪيترو وقت لو رهي . تنهن مان ڏڪر ، سڪايا ويون ، پنهنجن جي پيدائش ، مهانگائي سستائي ، يا ملڪ ۽ ماڻهن جي حالت بابت ۽ سڀ ڪجهه اڳواٽ خبر ڪڍڻ لاءِ به جوتش ودّيا جي مکيه پنجن انگن جو حساب ڪيو آهي . اهي آهن ١. تٿ ٢. وار ٣. نڪيتر ٤. يوگ ٥. ڪرڻ جملي پنجن جنهن کي اڄ ڪلهه جا ٽپڻا ڪيلنڊر پنچانگ ٿا چون . سو نيڪ ئي آهي .

چاڪاڻ ته سنسار ۾ اهڙڪ ڪم ڪارين يا مشغلا آهن. اهي سڀ پنجن اسمن يا پنجن درجن موجب پاس ٿين ٿا يعني ڪجن ٿا. ليڪن ايڪ ڪين يا مشغلن ۾ جولش وڌيا ۽ هڪ ڪم يا مشغلو آهي تهن کي سمجهڻ لاءِ ئي فقط اهي پنج انگ مقرر آهن لت، وار، لکيتر وغيره واسطو ۾ پنچانگ (ٽپڻي) جي معنيٰ يا ارٿ آهي سنسار جي هرهڪ ڪاريه ڪم يا بداوت جا پنج جزا يا انگ، معنيٰ (See All Things in Five Figures) سنسار جا سڀئي ڪاريه ڪم مثلا سمجهڻ ۽ ڪرڻ لاءِ پنج انگ يا پنج رستا ڪم آڻيو. تهن موجب سنڌي ڀائر ۽ سنڌي ٽپڻو فقط پنجن ڳالهين جاچڻ لاءِ پيا ڪم آڻيندا آهن. ١. لت، تاريخ ٢. مهينو ٣. سنبت سن ٤. ڏڻ وار ۽ موڪلون ٥. فقط پنهنجو ئي آئينده جاچڻ (راس ڦل) باقي لکيتر، يوگ ڪرڻ يا ٻيو جولش جو گورک ڌنڌو اکو ڪير سمجهي اکو سگهي ۽ اکو ڪم آڻي.

هاڻي اچو اوائلي اصول تي - ٽپڻي مان هر سال سکيا ملي ٿي ته سنسار جي سموري سامگري ڪي همت مٽي جاچيو، هرهڪ ڳالهه يا مشغلي کي پنجن پرڪارن يا پنجن درجن لمولن سان سمجهو ۽ پرکيو، تهن لاءِ پهرين ڏ ۾ جو پا لمولو آهي وگيانڪ واٽ، وگيان معنيٰ وڏڪ جاڻ وڏيڪ عقل، جيڪي ٻه ڏسو ٻڌو ٿا، يا جيڪي ٻه پداوت ڪم آڻيو ٿا، يا جيڪي ٻه ڪجهه ڪريو ٿا تهن کي اول وڏيڪ اوهي عقل سان سمجهڻ ۽ جاچڻ. اهي جو ڳڻ اوڳڻ فائدو نقصان معلوم ڪري پوءِ ئي ڪم آڻڻ. ا.ته.ته. ونڻ پدران ڏئي ئي ٿاوڻ پوندو ۽ ونڊو سڪ پدران دک.

اڄ انهن مشغلن ۽ پدارٿن کي سمجهڻ پدران، مشينري وگيان گهڻو وڌيل آهي. هرڳالهه هرهڪ ڪاريه ڪم رڳو مشينن جي ئي مدد سان ٿيو ٿئي. انهي هڙ پدارٿي وگيان جي ئي واڌپي سبب نتيجو جا اٿيو آهي سو ٻه ڏسو. ١. اڄي هاري ناري، ڪوري مرچي، واڍا، ڪاريگر، انيو وڏو پورهيتي ۽ روزگار ۾ رذل، اڄ هڙ ئي ڪم مشينن لي، انهن جو پورهيو ۽ روزگار ويو کسجي يا گهٽجي، توهان ليفيصلو ڪريو ته والدا ۽ بيروزگار ڇا ڪندا آهن.... چوري، جوئا، ڀرشٽاچار، ويڀار، لائي چائي، جهڳڙا فساد، مشينري جي مدد سبب ئي بدمعاشي بد لڇڻ وڌيا آهن.

٢. پنهنجي گهر يا ملڪ ۾ پيدا وار ته گهٽي لڌهن ۽ مهانگائي ۽ ماڻ ٿي مشڪل. چاڪاڻ ته مشينري جي مدد سان مال جي ڏڪا ڏڪ ٻاهر. يعني ٻاهر والي ڪا گئي، گهر ڪي گاون گيت.

٣- اڄي انو پهڻ، ڏ ٿاٽي، کير ڏڌ، مکڻ گيهه، سبڻ پرڻ، دواسڪي، سڀ ڪجهه ايندو هو گهر ۾، اڄ اهو ٻه ڪري پئي مشينون ۽ هاڻي واڻ پنڻ، بزار جو ڪين چين ڪاڻ ۽ فيشن ۽ سنگهماڻن جا سٽر ڪرڻ کان سواءِ، زالن واسطي ٻيو رهيو ئي ڪهڙو ڪم آهي...؟

٤- ڌرم نيتي موجب رات جو کهڻ جي منع، رات جو کهڻ ڙ کي چون نشاچر

معدي واسطي جو گهمندڙ، جانور، پکي يا پوپٽ ٿي ڪري ڏينهن جي پورهئي بعد سوپاڻٽي سڄ لئي هر ڪو ٿي گهر پنهنجو ڏينهن ڏسندڙ، ڊارمڪ ڪتا وارا پنهنجن پاڻ يا سماجڪ آچار ويهوار، اوڙي پاڙي جو حال پاڻي ٿيڻ بعد آرام، وري صبح جو سوپل گهرو ڪم ڪار لاهي وڃن کي ولدنا ڪري ڪم ۾ وڃڻ. ليڪن اڄ:- مشيني سڀيتا جي اثر سبب واسطو رات جو پٽڻ موج اڏائڻ، سوين ٽوٽ ٽرڙا، جڏهن وڃن گهرڙا، ڏرن رات ٽاڻي سڌو سنئيما لڪائي، ته گهر جي جهوري ته پاڻ سندي ناس. اڌ رات گذاري، موالي ٿي موٽڻ ۽ صبح جو ١٠-١١ بجي تائين هيمن هواڊو الو هنڌ ۾، (هيمن معني هيءَ من)

٥- اڄڪي ڪارج منگل ٿي صبح شام ڪلاڪ اڌ دهل شرنائون، اڄ سڄو ڏينهن مشين تي رڙوڙ ٻڪر واري پيڪ، پاڙي ۾ ڪو بيمار هجي، مري پوي، ٿهن جو سڌ سماءَ ۽ کهڪاءُ تي ڪونه.

٦- اڄڪي پڪيت و جهندا هٿا پڪيت، انهن جي گيان ڌيان ۾ هو اپديش، اڄ پڪيت وڄهي ڏي مشين ۽ اپديش اهو ٿي ته اکيان ملاڪي چلي نهين جاتا، يا بالم آئو بسو مهري من ۾، وغيره وغيره. سڄو سنسار نه هوندو ته به اڌ منو جها؟ انهن گانن ٻڌڻ لي پيو چپنيون وڃائي ناچ ڪري پيو گيان ڌيان سڀ گم.

٧- اڄڪي ٻکيه هون، ڌرم ڪريا ڪرم يا سمجهاڻي، گهر گهر ۾ براهمڻ وڃي ڪرائيندو پڙهائيندو هو ۽ سڀني واسطي ٿي هلڻ لاءِ سمجهائيندو هو. ليڪن اڄ:- هر ڪنهن مندر ٽڪاڻي جي پٺين چئن تا سوادا سوادا يا سنگرو سنگرو جا آواز پيا اچن ۽ وري عجب اهو ٿي ته مشين جي مدد سان جنتريون اپديش جون ڀالڪون وڏيڪ، اوٿرو ٿي وري آدرش آچار ويهوار جا پريل ديکڙائي اونڌايا ٿين، بگاڙو پرشنا چاريه وڌندو پيو وڃي. پاڻو: هڪ ۾ ڳالهه الٽي هلندڙ هجي ته ڪٿي درگذر ڪجي، پر اڄ ته ڪوڙيءَ ڪي لي گهرو آهي. هرهڪ قدم ۽ ڪم الٽو پيو هلي. واسٽو ۾ جڙ يعني بي عقل، جڙ آهن ان قسمن جا هڪ جاندار (پسون ۽ حيوان) پيو بي جان جڙ بدارت آهي مشيٺري. ٻالدر ڪي تلوار هٿ ۾ ڏيئي حڪومت جو ڏئي (راجا) چادر تاڻي پيو سمهين، اڌ رات بعد چوري لاءِ چور گهريو سندس آرام گاهه ۾، ٻالدر کي ڦيرا پائيندو ڏسي ڏٺائين ۽ لڪيو ويٺو، اچانڪ پورن ڪان نانگ پلنگ تي چڙهي وڃي راجا جي بدن تي ويٺو، ٻالدر ڏٺو ۽ مارڻ لاءِ جنهن تلوار مٿي ڪئي ٿي هيائينس ته هڪدم ٽپو ڏيئي چور اچي تلوار واري ٻانهن پڪڙيس. ٻالدر ڪان رڙ ڪري ويئي ۽ هلي ڪشمڪشا. گوڙ ٿي راجا جرڪ پريو، چادر لاهي ڦٽي ڪري هڪدم اٿيو. نانگ ته ويو ڀڄي، ٻالدر کي بعد ڪري چور کي چيائين تون ڪير آهين ۽ ڇا ٿيو آهي، چور ٻڌايس ته چور آهيان چوري لاءِ آيس. نانگ توهان مٿان چڙهي آيو. ٻالدر نانگ کي مارڻ لاءِ جنهن ٿي تلوار ٿي هڻين ٽئين هڪدم تلوار واري ٻانهن اچي پڪڙي ماڳس. جيڪڏهن هٿ ڪيئي ها ته نانگ سان

ڳڻ لوهارن کي به ان ڪري وجهي ها. ڇوڪريءَ جي ڏوهه ۾ سزا ملي ته حرڪت ناهي، مگر **جڙ ٻڌيءَ** واري دوست جي غفلت کان لوهارن جي حوالي ويئي، اهو ٺيڪ نه ٿيو. راجا ٻڌي ۽ خوش ٿيو ۽ پنهنجو انعام ڏيئي ڇڏائينس ته سچ ٿو چون - **نادان دوست کان دانا دشمن چڱو.**

ساڳي طرح - بي جان جڙ پيداوار (مشينري وغيره) جو گهڻو واهپو به انسان کي بي عقل ۽ جڙ ٻڌي وارو بڻائيندو آهي. مٿين مثالن مان ئي سمجهي سگهو ٿا. هاڻي ته هڪ ٻئي کي ناس ڪرڻ لاءِ به مشينري بم تيار ڪيا ويا آهن ۽ اهي ئي راڳ، ٽرانا پيا ڳائين ۽ وڄائين ته مرنداسين - **مگر پيو ملڪ به برباد ڪنداسين - دل شاد ڪنداسين - دل شاد ڪنداسين.**

ٻانو:— اکين سان اڄ ڏسي رهيا آهيو ته اهڙيءَ مشينري وگيان انسان جي انسانيت ناس ڪئي آهي يا نه..؟ ڪريو فيصلو.

سرڳواسي **ديش ڀڳتا** مهاتما گانڌيءَ اهڙي ديش هلايو ته **جڙواد** (مشينريءَ) پٺيان نه ڊوڙو- ٻانهن ٻي ڀاڙيو، گهر گهر ۾ چرخو ۽ هٿ جو ڌنڌو هليو چالو ڪيو ته ايڪو ۽ بي روزگاري هرگز نه ٿيندي. ساڳي طرح ٽيپڻو به هر سال ٻڌائي ٿو ته **بي جان پيداوار** مشينري وغيره جو گهڻو واهپو نه ڪيو، **جڙ** نيت **جڙ** ئي بڻائيندو، **جڙواد** ڇڏي **چيتن واد** جا اپاسڪ ٿيو ته دک ئي دور—

اهو چيتن واد آهي قدرت جي **ڪائنات**. سج، چنڊ، تارا ۽ گرهه، آڪاش، وڻن وانگر هر وقت مٿي **نهاري** قدرت جو ڪتاب پڙهو ۽ سمجهو، انهن جي قاعدن نيمن موجب سڀ ڪم ڪريو. اهي قاعدا نيم هر سال ٽيپڻي ۾ ٻولندا آهن. جيڪڏهن چاهيو ٿا ته زمانو سڌري ۽ برڪت پوي ته هر وقت آسماني بناوت جو ئي ابياس ڪندا رهو ڇاڪاڻ ته سارو سنسار آڪاشي بناوت جي آڌار تي هلي رهيو آهي. (سج، چنڊ ۽ گرهه تارن سبب) انهن جي رفتار چال ۽ قاعدا نيم ڄاڻڻ ۽ ڪم پاس ڪرڻ لاءِ اول مقرر ڪئي آهي **راس.** ۽ راس جي آڌار سان پيا سڀ قاعدا نيم سمجهڻ ۽ ڪم آڻڻ ۾ سولا ٿيندا آهن.

وري به ياد ڪريو— ١. جڙ وادي وگيان مان واڌارو نه ٿيندو، اڳي پوءِ نقصان ضرور ڪندو. ٢. سيٺي وگياني ٻڌي نه سگهندا. جيڪي ٽورا ٻڌندا، انهن جو عقل ٻڌي جڙ ضرور ٿيندي ۽ ٻين کي تباهه ڪندا يا **آزار** پيدا ڪندا. انهن ڪري جيڪڏهن هر هڪ ڪار ۾ ڪامياب ٿيڻ ۽ زندگي **خوشحال** بڻائڻ چاهيو ٿا ته جوتش وديا موجب گرهن تارن جي قاعدن نيمن جي ڄاڻ رکو ۽ اهڙيءَ موجب هلڻ ۽ ڪرڻ سان ئي برڪت پوندي آهي. نمبروار اهي قاعدا، اڳتي پڙهو ۽ ڪم آڻيو. ۽ صفحه ٢٨ تي اول ڳولهيو پنهنجي **راس.**

— —•••—•••— —

پنهنجي نالي واري راس پاڻهي ڳولي ڪڍڻ

سمجهاڻي- ٻارهن راسين جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. پنهنجي نالي جو اکر راسين جي سامهون ڏنل اکرن ۾ ڪٿي نه ڪٿي اچي ٿو ته اها پنهنجي راس سمجهڻ گهرجي. ٢. هرهڪ راس ۾ نو اکر ايندا آهن. اهي بيت وانگر ياد ڪرڻ سولا آهن. هرهر ٽپڻو کولي راس معلوم ڪرڻ کان ياد ڪرڻ ئي بهتر آهن.

نمبر ١ راس ڳولڻ ۽ ياد ڪرڻ واسطي	راس جو نالو	راس جو سوامي	نمبر ٢ وڏيڪ اکر
چؤ چي چو لا ليءِ لؤ لي لو آ	ميکھ	منگل	ل ل ا
ايءِ اؤ اي او وا ويءِ وؤ وي وو	ورکھ	شڪر	و و ب ب
ڪ ڪيءِ ڪ ڪهه ڱ ڇ ڪي ڪو ها	مٿن	ٻڌ	ڪا ڪ ڪز گهه ڇ ه
هيءِ هؤ هي هو ڏا ڏيءِ ڏؤ ڏي ڏو	ڪرڪ	چندرما	هه هه ڊ ڊؤ
ما ميءِ مؤ مي ٽا ٽيءِ ٽؤ ٽي	سنگهه	سورج	م م م ٽ ٽ ٽ
ٽو پ پي پ ش ڻ ٺ پي پو	ڪنيا	ٻڌ	پا پ پؤ ٺا
را ري رؤ ري رو ٽا ٽيءِ ٽؤ ٽي	تل	شڪر	ر ر ر ت ت
ٽو نا نيءِ نؤ ني نو يا يي يؤ	ورشچڪ	منگل	ٽو ن ن ن ي
يي يو ڀ ڀيءِ ڀ ڌ ڦا ڍ ڀي	ڌن	وسپت	يا ڀ يؤ ڌ ڦ ڍا ڀو
ڀو ڄ ڄيءِ کا کيءِ کو کي ڳ ڳ	مڪر	ڇنڇر	ڄا ڄ ک ک ک گا گيءِ
گؤ گي گو سا سيءِ سؤ سي سو د	ڪنڀ	ڇنڇر	گ س س س ش دا
ديءِ ڏ جهه ڃ ٿ دي دو ڇ ڇي	مين	وسپت	ي د ڏ ٿا ڏي ڏو ڇ ڇ

وڏيڪ سمجهاڻي- مٿي لکيل نمبر ١ ۾ راسين جا اکر ياد ڪرڻ لاءِ ساڄي کان کاٻي پڙهڻ ۽ ياد ڪرڻ گهرجن جيئن ته. چؤ چي چو لا لي لؤ لي لو آ ميکھ **راس**- اکرن کان پوءِ راس جو نالو گڏي ياد ڪرڻو آهي.

بي قاعدي ٻالا- مولچند ڌن راس، چيتانند ورشچڪ راس، ميگهراج منگهڻل شنگهه راس، هاسانند آ-و د ومل ڪرڪ راس ۾ جاڻجن. پنهنجي راس ڏسڻ بعد ڏاڍو واپار ۽ ڪاميابي واسطي ٢٩ صفحو پڙهو ۽ ڪم آڻيو ته گهاٽو هرگز نه ٿيندو. آزمايل آهي.

ٽيڻي جي قاعدن موجب ڏنڌو ڪريو گهاٽو هرگز نه پوندو

[خاص آزمايل]

توهان ڪنهن کي ڪيترو لهڻو اول اهو ڏسو. پوءِ ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهو ته فائدو ضرور پوندو
راسين موجب لهڻي ڏيڻي جي حساب جو نقشو آزمايل

هيٺي پنهنجي راس ڏسجي ان جي هيٺ	١	٢	٣	۴	۵	٦	٧	٨	٩	١٠	١١	١٢
	ميکه	ورکه	متن	ڪرڪ	سنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين
بالڪل ٺوڪ و فائدو ڪڏهن نه نقصان پوي	مين ميکه ورکه	ميکه ورکه متن	ورکه متن ڪرڪ	متن ڪرڪ سنگهه	ڪرڪ سنگهه ڪنيا	سنگهه ڪنيا تل	ڪنيا تل ورشچڪ	تل ورشچڪ ڌن	ورشچڪ ڌن مڪر	ڌن مڪر ڪنڀ	مڪر ڪنڀ مين	ڪنڀ مين ميکه
وچولو پورو پورو لاڀ سک سان رهجي ايندي مطلب قائم	متن ڪرڪ تل مڪر ڪنڀ	ڪرڪ سنگهه ورشچڪ ڪنڀ مين	سنگهه ڪنيا ڌن مين ميکه	ڪنيا تل مڪر ميکه ورکه	تل ورشچڪ ڪنڀ ورکه متن	ورشچڪ ڌن مين متن ڪرڪ	ڌن مڪر ميکه ڪرڪ سنگهه	مڪر ڪنڀ ورکه سنگهه ڪنيا	ڪنڀ مين متن ڪنيا تل	مين ميکه ڪرڪ تل ورشچڪ	ميکه ورکه سنگهه ورشچڪ ڌن	ورکه متن ڪنيا ڌن مڪر
گهاٽو پورو ٿئي و ٿاڪ نه ٿيندو	ڪنيا ورشچڪ	تل ڌن	ورشچڪ مڪر	ڌن ڪنڀ	مڪر مين	ڪنڀ ميکه	مين ورکه	ميکه متن	ورکه ڪرڪ	متن سنگهه	ڪرڪ ڪنيا	سنگهه تل
ڏرام ستو الرالپ مطلب قائم	سنگهه ڌن	ڪنيا مڪر	تل ڪنڀ	ورشچڪ مين	ڌن ميکه	مڪر ورکه	ڪنڀ متن	مين ڪرڪ	ميکه سنگهه	ورکه ڪنيا	متن تل	ڪرڪ ورشچڪ

پنهنجي راس ڏسڻ بعد ڪيئن فائدو پوي- تنهن بابت ٻاهواري، ڏيڻي ليڻي، مٽي مائٽي، آفيسرن مان ڪم يا ڪنهن سان ڪو وهنوار ڪرڻو هجي. ڪنهن به شهر ۾ او ڪري، ڏانڊو، ناڻي جي سيڙپ ڪرڻي هجي. مثال واپار ڪپڙو، ڪمڊ، ڪرياڻو وغيره وغيره ته اول انهي پهرين اڪر موجب راس ڏسو. مٿي لکيل نقشي ۾ پنهنجي راس ڏسجي ۽ پنهنجي راس جي هيٺ لکيل راسين ۾ ڏانڊو ۽ شهر، ماڻهوءَ جي نالي سان وهنوار ڪرڻو هجي ته پنهنجي راس ڏسي ساڳي پاسي ان جو قل پڙهو ته ڪهڙي پوئين راسيون فائدو ڪندڙ آهن. انهن سان وهنوار ڪريو.

نوٽ:- جڏهن چنڊ، راهو يا خراب مهادشا راس کي هوندي ته اهو وقت گهٽ و ڏاڍي ضرور ڏيڻي آهي.

مسافريءَ ۾ ٻين ڪارين ڪمن ڪرڻ واسطي قاعدا ۽ نيم

مسافريءَ ۽ شڀ ڪمن واسطي (ڀدرا)

مينهن، مڪر، وڇ، ڪرڪ، سرڳ لوڪ ۾
ڪنيا، مٿن، تُل، ڌن، پاتال لوڪ ۾
ڪنڀ، مين، ورشڀ شنگهه، مرتيو لوڪ ۾
آهي جنهن راس ۾ اپائي ڏينهن چندرما
هلندو آهي جنهن راس ۾ جيترو وقت چندرما
هلندڙ هجي انهيءَ وقت ۾ اُٻاريا ۾ شامل
لکيل لوڪن ۾ ڀدرا جو واسو ٿئي ٿو. فقط
ڪنڀ مين ورشڀ شنگهه جي ڀدرا ۾ مسافري
يا شڀ ڪاريه نه ڪرڻ گهرجي.

لڳن جو (پرشن) ڪم ٿيندو يا نه؟

مينهن، ڪرڪ، تُل، مڪر جلد ڪم ٿيندو.
وڇ ۽ شنگهه، ورشڀ، ڪنڀ، دير سان
مٿن ڪنيا، ڌن، مين، نه ٿيندو پڪ ناهي.
ماڻهون رستي پڇندا آهن ته لڳن وقت ڪم
ٿيندو يا نه؟ جي توهان ڄاڻو ته هن وقت
لڳن ڪهڙو هوندو ته مٿي لکئي موجب ٻڌائي
سگهندا. هر هڪ لڳن ٻه ڪلاڪ هلندو آهي.

ڪهڙين ٿٿين ۾ شڀ ڪاريه ۽ مهورت ڪجي

ٻڙوا، ڇٺ، ايڪادشي، نندا ٿٿيون آهن.
ٻيج، سپتمي، ٻارس ۽ ڀدرا ٿٿيون آهن.
ٽيج، اشٽمي، تيرس، جيا ٿٿيون آهن.
چوٿ، نومي، چوڏس، رڪتا ٿٿيون آهن.
ڀدرا ۽ رڪتا ٿٿين ۾ مهورت شڀ ڪم نه ڪجي

ٻار ڄمڻ بعد اول ڏسجي (يم گهنٽ)

آرتوار مگها، سومر وشاکا، منگل آردرا، ٻڌر
مول، وسپت ڪرتڪا، شڪر روهڻي، ڇنڇر
هست جنهن تاريخ ۾ جيترو وقت مٿيان ڏينهن
۽ نکيتر هجن ته يم گهنٽ جو يوگ ڄاڻجي.
جنهن ۾ ڄاول ٻار ڪجهه اُن ڪجهه نقصان
وجهندو يا پيدا ڪمن.

چندرمان ڪهڙي طرف

مسافريءَ ۾ ٻين ڪمن واسطي چندرما
ڏسبو آهي.

مينهن - شنگهه - ڌن - اوڀر طرف
وڇ - ڪنيا، مڪر، ڏکڻ طرف
مٿن - تُل - ڪنڀ - اولهه طرف
ڪرڪ - ورشڀ - مين - اتر طرف

قل- سامهون چندرما ڪارج راس ڪري
ساڄي سلامتي، کاٻي ڌن جي هاڃي، پٺيرو
موت يا نقصان.

مسافريءَ واسطي ڏسا سول

سومر، ڇنڇر اوڀر طرف. وسپت، ڏکڻ شڪر
آرتوار اولهه - منگل، ٻڌر اتر کاٻي ۽ پٺيرو
سڀ ڪم طرح فائدو ڏيندڙ ساڄي سامهون
هر طرح بيحد نقصان وارو.

مسافريءَ واسطي ڪال چڪر بابت

آرتوار - اتر- سومر اتر اولهه جي ڪنڊ، منگل
اولهه ٻڌر - ڏکڻ اولهه جي ڪنڊ، وسپت
ڏکڻ شڪروار ڏکڻ اوڀر جي ڪنڊ، ڇنڇر
اوڀر طرف سمجهو. سامهون ۽ ساڄي هر طرح
نقصانڪار. کاٻي ۽ پٺيرو فائدي وارو.

مسافريءَ واسطي يوگني جاچڻ

ٿٿيون- ٻڙوا، نومي اوڀر- ٽيج، گيارس
اوڀر ڏکڻ جي ڪنڊ- پنجمي، تيرس ڏکڻ
چوٿ ٻارس ڏکڻ اولهه، ڪنڊ ڇٺ چوڏس
اولهه- سپتمي پورنما اولهه اتر جي ڪنڊ ٻيج
ڏسمي اتر- اشٽمي اماس اوڀر اتر جي ڪنڊ
کاٻي ۽ پٺيرو فائدو ڪندڙ ساڄي ۽ سامهون
نقصان.

نقشو نمبر ۲ راسيون ۽ انهن جا نمبر

نمبر	۱	۲	۳	۴	۴	۶	۷	۸	۹	۱۰	۱۱	۱۲
راسيون	ميکه	ورکه	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين

نقشي موجب راس جو نمبر مقرر ٿيل. راسين جا نالا ۽ انهن جو نمبر اهڙو ياد هئڻ گهرجي. جو ڪير به پڇي ته فلاڻي راس کي فلاڻي راس ڪاٿون نمبر آهي يا ڪاٿون گهر آهي، اهو هڪدم ٻڌائي سگهجي. ائين ته ڪنڊليءَ ۾ راسين جا نالا ڪو نه لکيا آهن پر هر هڪ راس جو نمبر وجهو آهي تنهن ڪري نالا ۽ نمبر راسين جا ياد هئڻ تمام ضروري آهن. هاڻي هلو اڳتي. سمجهو ته ڪنهن ماڻهوءَ جي راس ڪنڀ آهي، تنهن لاءِ جاچڻو آهي ته سياڻي سنڌي تاريخ ۱۴ چيٽ جي چندرما ڪهڙو آهي ۽ ڪاٿين گهر ۾ آهي؟ نقشي موجب ڪنڀ راس ٻارهون نمبر آهي. پر جيڪڏهن توهان جي راس ڪنڀ آهي ته توهان ان کي پهريون نمبر يا پهريون گهر ڪري سمجهو. هميشه پنهنجي راس کي يا جنهن جي راس کي جاچڻو هجي ته ان جي راس کي پهريون گهر ڪري سمجهو. مٿي پڙهي آيا ته ۱۴ تاريخ چندرما ڪنيا جو آهي. هاڻي توهان پنهنجي ڪنڀ راس کان هڪ ٻه ڪري ڪنيا راس تائين ڳڻيو ته ڪنيا راس ٿيندي اٺون نمبر يا اٺون گهر ڪنڀ راس کي. ائين نمبروار ڳڻيندي **مڪر راس** ٿيندي ٻارهون گهر ڪنڀ راس کي.

(۷) هاڻي معلوم ٿيو ته توهان جي ڪنڀ راس کي سياڻي ۱۴ تاريخ جو چندرما اٺين گهر ۾ هلي ٿو. ڇاڪاڻ ڪنيا راس اٺون گهر آهي ڪنڀ راس کي. هاڻي باقي اهو ڏسڻو آهي ته اهو چندرما ڦل خراب ڏيندو يا سٺو..؟ تنهن لاءِ هميشه ياد رکو ۴-۸-۱۲ گهر ۾ چندرما خراب ڦل ڏيندو آهي. مٿين حساب موجب ڪنڀ راس کي ڪنيا راس جو چندرما اٺين گهر ۾ آهي تنهن جو ڦل سمجهو ته خراب ملندو.

(۸) پنهنجي راس کان چوٿون گهر سک، آرام جو اٺون گهر موت، بيماري ۽ نقصان جو، ٻارهون گهر خرچ وڌيڪ، کاڌو نقصان ڪندڙ ڄاڻيا آهن. چوٿين، اٺين، ٻارهين گهر ۾ ڪهڙو به گرهه هوندو ته ڦل خراب ڏيندو (اهو خاص او مت ڪريو) ٻين گرهن کان سورج چندرما جلد راس بدلائين ٿا. يعني سورج سنڪرانت موجب مهيني مهيني ۽ ليڪن موجب ٻن ڪلاڪن بعد راس بدلائي ٿو، چندرما ۵۴ ڪلاڪن بعد. تنهن ڪري ٿي ڏک، سک، جهيڙو يا شانتي، فائدو نقصان، لاهه چاڙهه، پنهنجو يا دنيا جو ٿيندو رهي ٿو. انهن گرهن جي چال رفتار جو حساب جاڻي، ڦل لکجي مان واقف ٿي، هر وقت هلندي چلندي خبرداريءَ سان جيڪو ڪاربه ڪم ڪندو رهندو، اهو ڪڏهن به ڏکي نه ٿيندو ۽ نڪي ناڪامياب ٿي ٿيندو.

فرض ڪريو - توهان ڪا مشين لڳايو ٿا، جيستائين ان جي ڪل پرزن جي قاعدن

جا واقف نه ٿيندا ليستائين انهيءَ مان فائدو وٺي نه سگهندا. اِهي خبر يا اهي قاعدي ڪم آڻڻ سان اُلو سڌو وڃائڻو پوندو. ساڳيءَ طرح سنسار کي گرهن روپي مشينريءَ ۽ سڄي سپ سک ۽ پرڪرت ملي رهيا آهن ۽ ملندا رهندا. سنساري منش انهن جـــي لڪندي جا قائدا نيم ڄاڻي خبرداريءَ سان هلندو رهندو ته هر طرح جا سک حاصل ڪندو. اڻڄاڻائي سان ملندا اهنجر، ايذاءَ ۽ آفتون. اڳي جڏهن ايتري ڄاڻ نه هئي ته هر ڪو رُئي براهمڻ کان پڇي نيو ڪم ڪندو هو ۽ گهڻي ڀاڱي سک سنتوش جو وقت پئي گذريو.

ليڪن اڄ ....؟

(٩) چندرما ۽ سورج ستين گهر تي **درشٽي** يا نظر وجهن ٿا. اهـــو ستون گهر جڏهن توهان جي راس کي چوٿين، اٺين ۽ ٻارهين آهي ته اهي هلندڙ ٥٤ ڪلاڪ پڻ قل خراب ملندو. ڇاڪاڻ ته چوٿين، اٺين ۽ ٻارهين گهر ۾ سورج چندرما هجي يا انهن تي فقط نظر رکندڙ هجن ته به قل خراب ڄاڻجي.

مثال - اڄ ورشڪ راس ۾ چندرما آهي. ورشڪ کان نمبروار هڪ ٻه ڪري ستون راسيون ڳڻيو ته ورکه راس ٿيندي ستون گهر ورشڪ راس کي. يعني ورشڪ راس وارو چندرما ورکه راس تي درشٽي وجهي ٿو. هيڏانهن توهان جي راس جڏهـــن ڪنڀ آهي ته ورکه راس چوٿون گهر ٿيندي ڪنڀ راس کي ۽ **قل خراب** ڄاڻو. انهيءَ حساب موجب جنهن به راس ۾ چندرما يا سورج هجي ته ستين گهر تي ان جي درشٽي آهي اها ستين گهر واري راس جنهن تي درشٽي پوي ٿي. توهان کي جڏهن ٤-٨-١٢ گهر تي آهي ته قل خراب سمجهڻ گهرجي.

(١٠) جڏهن درشٽيءَ جو حساب ڪرڻ ڏکيو سمجهو يا ياد نٿو رهي ته ٻيو رستو هي ڪم آڻيو. **فرض ڪريو** ته توهان جي راس **ڪنڀ** آهـــي. اها ڪنڀ راس ٿي توهان جي راس يعني پهريون گهر، تنهن ۾ چندرما هوندو ته قل سٺو ڏيندو. تنهن بعد ٻيو گهر مين راس قل خراب ٽيون گهر ميکه راس قل سٺو چوٿون گهر ورکه قـــل خراب. اٺين نمبروار ڳڻيو. (١) سٺو (٢) خراب (٣) سٺو (٤) خراب (٥) سٺـــو (٦) خراب نمبروار هڪ سٺو ٻيو خراب هلندو. ڏٺي **ليکي** هر هڪ ماڻهو پنهنجي راس کان هڪ ٻه ڪري ١٢ راسيون ياد رکي ۽ چندرما جي درشٽيءَ جو قل اکي تي سٺو ۽ ٻڌي اکه تي خراب سمجهي. **مثال** ڪنڀ راس واري کي **اکي** يعني پهريون گهر ڪنڀ قل سٺو. ٻڌي يعني ٻيو گهر مين راس قل خراب. وري اکي ميکه راس گهر نمبر ٽيون قل سٺو. وري چوٿون گهر ٻڌيءَ جو ورکه راس قل خراب. انهن نمبروار قل سمجهڻ گهرجي.

جڏهن اڃان به سمجهي نه سگهو ته هيٺ ڏنل نقشي ۾ اول پنهنجي راس ڏسو انهي هيٺان جيڪي ٻيون راسيون آهن انهن جو قل خراب سمجهڻ گهرجي.

هر هڪ راس کي ڪهڙي راس وارو چندرما خراب ڦل ڏيندڙ آهي؟

پنهنجي راس ڏسو	۱ ميکه	۲ ورکه	۳ مٿن	۴ ڪرڪ	۵ شنگهه	۶ ڪنيا	۷ تل	۸ ورشچڪ	۹ ڌن	۱۰ مڪر	۱۱ ڪنڀ	۱۲ مين
پنهنجي	ورکه	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين	ميکه
راس جي	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين	ميکه	ورکه	مٿن
مٿان لکيل	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين	ميکه	ورکه	مٿن	ڪرڪ	شنگهه
راسن وارو	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ	مين	ميکه	ورکه	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل
چندرما خراب ڦل	مڪر	ڪنڀ	مين	ميکه	ورکه	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن
ڏيندڙ جاتجي	مين	ميکه	ورکه	مٿن	ڪرڪ	شنگهه	ڪنيا	تل	ورشچڪ	ڌن	مڪر	ڪنڀ

هر هڪ راس کي ڪهڙي راس وارو چندرما خراب ڦل ڏيندڙ آهي؟

تاڪيد: هر هڪ راس واري کي هر هڪ ۵۴ ڪلاڪن بعد ان، من، ڌن ۾ ڦيرو ضرور اچڻو آهي. اڳواٽ چنڊ معلوم ڪري سوچي سمجهي هلبو ته من شانت رهندو.

مثال: ڪنهن وقت ڪم سان ٻه چار دفعا وڃو ٿا. نٿو ملجي يا جواب ئو ڏئي. ڪم نٿو ڪري. توهان کي ضرور ڪاوڙ ڪروڌ يا رنج ان تي ٿيندو ۽ وڌيڪ ٻه ڳالهائي ويهندءُ بلڪ جهيڙو وير وروڌ ٻه شروع ٿي ويندو. اهو آهي غلط وهنوار.

جيڪڏهن توهان کي اڳواٽ ڄاڻ آهي ته اڄ چندرما توهان لاءِ سٺو نه آهي يا جنهن وقت وڃو ٿا اُهيءَ لاءِ چندرما خراب آهي يا جنهن طرف وڃو ٿا اُهيءَ طرف ڀڻ چندرما سٺو نه آهي ته توهانکي ناڪاري جواب يا ناڪامي ملندي ۽ رنج، ڪاوڙ، ڪروڌ نه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته ڄاڻ اڳيئي اٿو ته اڄ هن طرف يا هن منجهان ڪم ٿيڻو آهي.

(۱۰) جيڪڏهن چندرما معلوم ڪرڻ جي واٽ ياد اٿو، هلندي چلندي ڏاڍو واپار ڪاروبار ڪم ۾ جتي ٻه جنهن سان ڪو ڪم اٽڪي ٿو، اُهي ڀاڻ لاءِ ۽ اُهيءَ لاءِ چندرما معلوم ڪري اڳواٽ ڄاڻي سگهو ٿا ته ڪم راس ٿيندو يا نه؟ ته نه مفت ماري ڪرڻ مان فائدو ئي ڪهڙو....؟ ۽ الٽو واد وواد يا دک پيدا ٿي پوندو، پاڻ تي ڪنٽرول رکڻ جو اهو ئي رستو آهي ته قدرتي ڄاڻ حاصل ڪري من شانت رکو.

چندرما جو ٻين ڪارين ڪمن سان واسطو:- (۱) مسافريءَ واسطي چندرما سامهون يا ساڄي پاسي هجڻ سٺو ۽ ڪاميابيءَ جو نشانو. (۲) بيماريءَ وقت چندرما خراب هوندو يا دشمن خراب هوندي ته ڊاڪٽر ڪيتريون ٻه دوائون ڦيرائي بدلائي ڏيندو مگر فائدو نه پوندو. جيستائين اهي هلندڙ چندرما جا ۵۴ ڪلاڪ گذرن نه تنهن ڪري اڀرائي نه ڪرڻ گهرجي. من شانت رکجي. فقط بيماريءَ تي قبضو رکجي وڌڻ نه ڏجي.

ٻماري وڌڻ کان روڪيل هوندي ته ٻڪ ٿي ٻڪ ٥٤ ڪلاڪن بعد ٻيمار چاڪ ٿي ويندو. (٣) ڪنهن به وقت ڪو شيءِ ڪاريه ڪرم ڪريون ٿا يا ڪو نئون ڪاره شروع ڪريون ٿا ته چندرمان جي معرفت پدرا يعني **اشڀ ڏينهن** يا شڀ ڏينهن ۽ اهو وقت معلوم ڪري ڪرڻ گهرجي ته ته اشڀ وقت ڏينهن تي ڪاره ڪرم سڦلتا نه پائيندو. ڌانپريه اه جوتش وديا مان ملن ٿا فائدا ۽ نيم. مدش کي فائـدي نيم ۽ انتظام جو پـابند رهڻ ضروري آهي. جي نه رهندو ته جيڪي نقصو اڪرندو يا اڪري پيو اهو خود سمجهي سگهو ٿا.

سنڪرات موجب ڪاريه ڪمن ۾ سڦلتا جو نقشو

قائدو ۽ ان جو ڦل	نمبر وار ٻارنهن راسيون ۽ ان جو ڦل			
ڪاميابي، جلد ڪم راس ڦل سٺو	١ ميکه	٤ ڪرڪ	٧ تـل	١٠ مڪر
" ڪجهه دير سان ڦل وچولو	٢ ورکـ	٥ شنگهه	٨ ورشڪ	١١ ڪنڀ
ناڪاميابـي وگهن، ڦـل خراب	٣ مـٿن	٦ ڪنيا	٩ ڌن	١٢ مين

سمجهاڻي (١) ڪو به نئون ڪم، نئون ڌندو شروع ڪرڻ، کوهه، تلاءُ، باغ نهرائڻ، چاهه جوڙائڻ، زمين ۾ ٻج پوکڻ، ماڻهو ڪرڻ، نوان دوست مٽ ڪرڻ، هر هڪ نئون ڪاره ڪم شروع ڪرڻ واسطي نقشي مـوجب سٺو ڦـل ڏيندڙ **سنڪرانت** جڏهن شروع ٿئي ان ڏهن تي شروع ڪرڻ گهرجن. سنڪرانت شروع ٿيڻ جو نقشو ۽ سمجهاڻي مٿي صفحه ٣٤ تي ڏنل آهي.

(٢) جيڪڏهن ميکه ورکه آدڪ ١٢ ئي سنڪرانتن جا مٿي صفحه ٣٤ تي ڏنل ۽ سنڌي انگريزي مهنا تاريخ سميت سنڪرانت جـي لڳڻ جا سب توهان کي ياد آهن ته پوءِ ٻيا ٽپڻي ڏسڻ جي به هلندي چلندي ڪاره ۽ ڪمن جا پروگرام ٺاهي سگهو ٿا ۽ ٻين کي واقف ڪري سگهو ٿـا. پر جيڪڏهن سنڪرانتن جا نالا ياد ڪرڻ ۾ ڪٺن آهن ته فقط سنڌي يـا انگريزي مهنن موجب هيٺ ڏنل نقشو ڪم آڻيو ۽ سمجهڻ بـه سولو ياد ڪرڻ بـه سولو آهي.

قاعدو ۽ ان جو ڦل	سنڌي انگريزي مهنن موجب ڪاره ڪم ڪرڻ جو نقشو			
ڪاميابي، جلد ڪم راس ڦل سٺو	چيٽ اپريل	آکاڙ جولاءِ	اسو آڪٽوبر	پوهه جنوري
" ڪجهه دير سان ڦل وچولو سٺو	ويساک مي	ساوڻ آگسٽ	ڪتي نومبر	ماگهه فيبروري
ناڪاميابي، وگهن اٽڪون ڦل خراب	جيٺ جون	بدو سيپٽمبر	ناهري ڊسمبر	ڦڳڻ مارچ

ساري ڀارت ۾ هندو جاتيون واپاري وڪاس لاءِ قدم قدم تي هي ڪم آڻينديون آهن. عام جي سهوليت واسطي هيٺين چوگهڙين جي سمجهاڻي واري ڀاڱي تي به سنڌيءَ ۾ ڇپيل هوندو آهي.

ڏينهن جا چوگهڙيا

	آرتوار	سومر	منگل	ٻڌر	وسپت	شڪر	ڇنڇر
١	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال
٢	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ
٣	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ
٤	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ
٥	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل
٦	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ
٧	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت
٨	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال

رات جا چوگهڙيا

	آرتوار	سومر	منگل	ٻڌر	وسپت	شڪر	ڇنڇر
١	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ
٢	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ
٣	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ
٤	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت
٥	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل
٦	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ
٧	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ	شڀ	چنچل	ڪال
٨	شڀ	چنچل	ڪال	ادويگ	امرت	روڳ	لاڀ

نوٽ:- مٿين چوگهڙين مان شڀ امرت ۽ لاڀ ڪم ڪرڻ لاءِ چڱا آهن. هرهڪ چوگهڙيو ڏيڍ ڪلاڪ هلندو. ڏينهن وارا صبوح کان رات وارا سج لٿي کان ڪم آڻڻ گهرجن. ڪنهن ڪم لاءِ وڃو ته يا جنهن وقت ڪنهن ڪار ڪوليو ته اهو وقت چوگهڙيو سٺو نه هوندو ته ڪم سڦل نه ٿيندو.

گم ٿيل يا چورايل شيءِ ملندي يا نه

نڪشتر							ڪڏهن ملندي	ڪهڙي طرف
روهڻي	پکيه	اتراڦا	وشاکا	پو-شا	ڌنشٽا	ريوتي	جلدي ملندي	اوڀر طرف
مرگشر	اسليشا	هست	اتراڌا	اتراشا	شتڀکا	اسواني	ٽن ڏينهن ۾ ملندي	ڏکڻ ”
آردرا	مگها	چترا	جيشٽا	ابڀجت	پو-ڀا	ڀرڻي	هڪ مهيني ۾ ملندي	اولهه
پونرووسو	پو-ڦا	سواتي	مول	شروڻ	اترا-ڀا	ڪرتڪا	اصل نه ملندي	اتر ”

جنهن ڏينهن ڪا به شيءِ گم ٿي وئي هجي يا چوراڻي وئي هجي ۽ نڪشترن مان ڪو نڪشتر ان ساڳئي ڏينهن هجي ته ڏيکاريل نقشي موجب ڏسڻ گهرجي ته ليندي يا نه، يا ڪڏهن ليندي؟

ڦار پائڻ [فالنامو] اڻر پرشن

گرهن جي هلڻ ڦرڻ جي چال موجب حساب ڪري جيڪو ڦل ڪڍجي ٿو تنهن کي ٿي جوتش چئجي ٿو ۽ اهو ٿي گهڻو ڪري سچو اڪرندو. فالنامي کي ٿيڻ ۾ جوتش ڪري ٿا ليڪن سو غلط آهي. هي جوتش جا حساب نه آهن. پر آدرش ستيه ورلي وارن مهاپرشن جا ويچار ۽ انڀو، آد جڳاد کان ڦار پائڻ جو رواج هلندو اچي ٿو. هن جا انيڪ نمونا پستڪن ۾ آهن. ستيم، آدرش، وشواس واري کي هن مان گهڻو فائدو ملندو ۽ ان کي گهڻ مشڪري طور هر هر روز روز ٻي واڇي ڪم آڻڻ سان ڪوبه ڦل نه ملندو آهي تمام ضروري حالت ۾ اول ايشور کي پنهنجي آشا پابت وينتي ڪري ڪنهن به انڪ تي آڱر رکجي ۽ ڏاڻي پاسي انهيءَ انڪ جو ليکيل جواب پڙهو. ناڪاميابي ملي ته دل نه لاهيو، اڌم محنت ۽ ستيم ورتي ڇڏڻ نه کپي. هفتي بعد وري ڪم آڻڻ گهرجي.

روزگار واسطي جدا خانو ۽ ٻين سڀني ڪمن واسطي من ڪامنا جو خانو ڏسڻ گهرجي.

منو ڪامنا پوري ٿيندي يا نه؟

۳	۷		۷
۲	۱	۱۰	۹
۶	۵		۴

۱- آشا جلد پوري ٿيندي ۲- اڃا دير آهي. ۳- ڪامنا سڦل ضرور ٿيندي. ۴- اميد گهٽ آهي. ۵- اميد جلد پوري ٿيندي. ۶- تمام دير سان. ۷- وقت سٺو هلي رهيو آهي، اميد چڱي طرح پوري ٿيندي. ۸- ٿوري ڪجهه دير آهي. ۹- آسرو ٿورو رک. ۱۰- ڪجهه دير سان آشا پوري ٿيندي.

روزگار بابت

۷	۱		۵
۴	۹	۸	۳
۹	۱۰		۲

۱- واپار مان ڪجهه ملندو. ۲- روزگار گهٽ ملندو. ۳- ڏينهن ڏي ڏينهن سٺو روزگار ملندو. ۴- پنهنجي موڙيءَ سان ڏيتي ۾ گهاٽو آهي. پيو ڪو نمونو ڪم آڻ. ۵- پنهنجي سچائيءَ سان سٺو روزگار ملندو. ۶- گهٽ لاڀ حاصل ٿيندو ۷- گهڻي جفاڪشيءَ سان روزگار ملندو. ۸- واپار نوڪري وڌائيندو. ۹- واپار مان نقصان ٿيڻ جي سهاري روزگار ملندو. ۱۰- اڃا به محنت ڪوشش وڌ لاڀ ضرور ٿيندو.

ضروري نوٽ

ڪارج ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيڻ واسطي ضرور هيٺ لکيل ڳالهين يا قاعدن جو ويچار رکڻو آهي ۽ انهيءَ موجب ئي ڪرڻو آهي.

(١) هيٺين ڪارج ڪرڻ شروع واسطي- ١- سنڪرانت ٢- لڳن ٣- چندرما جي راس ٤- ويلا يا چوگهڙيو ٥- تٿ ٦- نڪيتر ٧- ڏينهن ٨- پدرا ٩- جنم ڪنڊليءَ جا گرهه ١٠- چالو سال ۾ گرهن جو اثر.

(٢) ڪنهن سان ڀائيواري، مٽي مائٽي دوستي يا گڏجي ڪم ڪرڻ يا ڏيڻ وٺڻ وغيره واسطي قاعدا ٽي. (١) جنهن سان ڀائيواري ڪجي (٢) جنهن شهر ۾ ڏيڻ ڪجي (٣) جيڪو ڏيڻو ڪجي تنهن جي نالي جي اکر موجب صفحه ٢٨ تي ڏنل لهڻو ڏيڻو واسطي جو مطلب جاچڻ بعد ۽ مٿيان نمبر ڀرڻ وارا سڀ قاعدا ڪم آڻڻا آهن!

(٣) مسافري ياترا واسطي- (١) جنهن طرف وڃو ٿا تنهن طرف چندرما سنئون آهي يا نه؟ (٢) ڏساسول (٣) ڪال چڪر (٤) تٿ يوگني (٥) پدرا (٦) چوگهڙيو ويلا (٧) لڳن (٨) چندرما چوٿين اٺين ٻارهين جو (٩) ٻين گرهن جو اثر.

(٤) اهي ڳالهيون يا قاعدا جڏهن سڀ ٺاهه هوندا تڏهن هلندي چلندي ڪٿي به ٻيهجا ڪارج ڪم ڦيرائي ۽ ڪاميابيءَ سان پاس ڪري سگهبا. هن سال سورج جي سنڪرانت ۽ راس جي چندرما ٻانت سمجهايو ويو آهي آئينده نمبروار سڀ لکنداسين. جيڪڏهن ڏنوان ڀاڳوان ۽ سکي رهڻو آهي ته قدرت جي گرهن روپي مشينريءَ جي قاعدن کي چاڻي سمجهي انهيءَ موجب ڪبو ته زندگي سکي، جيون گلشن بهار بڻندو.

(٥) ڪن جو رايو آهي ته اهڙي مٿاڪٽ مغز خوري ڪم ڪندو قاعدا سمجهڻ ياد ڪرڻ ئي مشڪل. ڪي چون ٿا ته سنسا ۽ ڀرم آهن وغيره وغيره. تنهنجي جواب ۾ ٻه اکر- قاعدن تي نه هلبو ته، قدرت جي مالڪ کي ڪس ڪاله لڳندي مگر گهاٽو پاڻ ڏي ئي وڃڻو آهي. اڳي انهن قاعدن تي گهڻو هلندا هوا. اڄ ٿورو، ٿپاس ڪريو ۽ گهاٽو اڳي هٿو يا اڄ؟

(٦) سالن جا سال ڀيا امتحان پاس ڪرڻ ۾ لڳايو ٿا اُتي هن وگيان وديا جي قاعدن سمجهڻ لاءِ هڪ سال ته ضرور ابياس ڪريو. ڪي ڀرم يا سنسو انهن ڳالهين يا قاعدن کي سمجهي ٿو ته وگيانڪ، الهاسڪ، سماجڪ چاڙهه سان ڀيٽ ڪاٿي. پنهنجي عقل وويڪ کي سهي سمجهڻ تڏهن ئي واجب آهي جڏهن ٻين سان رايو ڀيٽي ارٿه ڪري. بهرحال- قدرت جو ڳاڙهو انهيءَ وگياني قاعدن موجب هليو آهي ۽ هلندو رهندو. جيڪو سمجهي انهيءَ موجب سنسار ۾ هلندو چلندو اهو ئي سک ۾ جيون گذاري سگهندو. مڃو يا نه مڃو مرضي توهان جي.

النشري جوتش شاستر متالسار ٽي. سنڌ و ڀهاسڪ النترگمت. وگيان و ياڪيا ترڪيٽڻ

پرٿمو اڌياءِ (ڀهراون اڌياءِ سماپت)

ديو ديوتائون رشي مني آدڪن ۽ پڻ ٻهادرن، مهاپرشن، لوڪن پنهنجي وڏن جهڙو
